Human Rights Commission
of Pakistan



# پاکستان جون
# عالمي
# قانوني
# ذميواريون
## انساني حقن جو تناظر

Supported by

FRIEDRICH NAUMANN
FOUNDATION For Freedom.
Pakistan

# پاڪستان جون عالمي قانوني ذميواريون

## انساني حقن جو تناظر

سهڪار

FRIEDRICH NAUMANN FOUNDATION For Freedom.
Pakistan

حق ۽ واسطا: 2019، انساني حقن جو پاڪستان ڪميشن (HRCP)
سمورا حق محفوظ. هن اشاعت جو ڪوبہ حصو ذريعي جي جوڳي ذڪر سان شائع ڪري سگهجي ٿو.

پهريون ڇاپو-نومبر 2019

هن اشاعت جي مندرجات جي درستگيءَ جي خاطريءَ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي وئي آهي. انساني حقن جو پاڪستان ڪميشن ڪنهن غير ارادي ڪٺوتيءَ جي ذميواري نٿو کڻي. هن دستاويز ۾ اظهار ڪيل خيال ضروري ناهي تہ فيدرڪ نومن فائونڊيشن واسطي آزاديءَ جي موقف/خيالن جي نمائندگي ڪن.

انساني حقن جو پاڪستان ڪميشن
ايوانِ جمهور
107، ٽيپو بلاڪ، نيوگارڊن ٽائون
لاهور- 54600
فون نمبر: 9969 3586 ,4994 3586 ,8341 3583 42 92+
فيڪس نمبر: 3582 3588 42 92+
اِي ميل: hrcp@hrcp-web.org
www.hrcp-web.org

# فهرست


1. تعارف 1

2. عالمي انساني حقن جو جائزو ۽ مشاهدا

2.1 انساني حقن جا بنيادي ناهه ۽ انهن جي آڌار تي ادارا: جائزو 2
2.2 عالمي ذميوارين جي ڏس ۾ پاڪستان جي حيثيت 3
2.3 ناهن بابت ادارن جا مشاهدا 4

3. انساني حقن بابت رپورٽنگ ۽ عمل درآمد ۾ للڪارون

3.1 آئيني قانون بمقابلہ عالمي قانون 5
3.2 جائزي ڪار ادارن ۽ عمل درآمدي سيلن جي حيثيت 7
3.3 واسطيدارن کي رپورٽنگ جون للڪارون 8
3.4 ثقافتي ۽ مذهبي اثر 9
3.5 رياستي ۽ غير رياستي عنصرن هٿان اختيارن جو غلط استعمال ۽ اکبوٽ 10
3.6 گلگت بلتستان جي حيثيت 13

4. انساني حقن تي عمل درآمد کي سگهارو بنائڻ واسطي سفارشون

4.1 وسطيدارن کي حساس بنائڻ ۽ صلاحيتون/گنجائش وڌائڻ 16
4.2 SDGs ۽ انساني حقن کي مقامي رنگ ڏيڻ 16
4.3 ناهن جي جائزي وارن ادارن کي بااختيار بنائڻ 16
4.4 واسطيدارن طرفان گڏيل تحرڪ ۽ لابنگ 17
4.5 عالمي وهنوارن سان تعلق وڌائڻ 17

# ضميمن جي فهرست

ضميمو الف: پاڪستان جون عالمي ذميواريون

ضميمو ب: عالمي/عمومي معيادي جائزي بابت ورڪنگ گروپ جي رپورٽ - پاڪستان (اي ايچ آر سي/37/13)، 29 ڊسمبر 2017
http://documents-dds-ny.un.org/doc/UNDOC/GEN/G17/370/42/PDF/G1737042.pdf?OpenElement

# 1. تعارف

هيءُ دستاويز انساني حقن جي ڏس ۾ پاڪستان جي عالمي قانوني ذميوارين بابت انساني حقن جي پاڪستان ڪميشن (HRCP) طرفان ڪرايل مشاورتن مان پرايل سبقن ۽ سفارشن کي ونڊڻ جو ارادو رکي ٿو. انجي هدف ٻڌايل مخاطبن ۾ غير سرڪاري تنظيمن جا ڪارڪن، انساني حقن جو بچاءُ ڪندڙ، وڪيل، صحافي، سرڪاري عملدار ۽ سول سوسائٽيءَ جا ميمبر آهن. اِهي مشاورتون پاڪستان جي اهم شهرن اسلام آباد، پشاور، ڪراچي، گلگت، ڪوئيٽا ۽ لاهور ۾ ڪونايون ويون، جن ۾ ڪُل 152 ڄڻن شرڪت ڪئي.

انهن مشاورتن جا هيٺيان مقصد هئا:

- شريڪ ٿيندڙن کي پاڪستان طرفان صحيح ڪيل ۽/يا توثيق ڪيل عالمي ناهن کان واقف ڪرڻ
- واضع ڪرڻ تہ رياست طرفان انهن عالمي ذميوارين کي لاڳو ڪرڻ جي ڏس ۾ ڇا ڪجهہ ڪيو ويو آهي
- پائيدار ترقياتي مقصدن SDGs کي واضع ڪرڻ، پاڪستان جي تناظر ۾ اِهي انساني حقن سان ڪيئن لاڳاپيل آهن، ۽ انهن کي ڪهڙي ريت قانون سازي ۽ پاليسي بشمول للڪارن ۽ موقعن ۾ تبديل ڪيو ٿو وڃي
- واضع ڪرڻ تہ شهري ڪهڙي ريت عالمي ناهن مان لاڀائتا ٿي سگهن ٿا.
- هدف ٻڌايل مخاطبن کي هڪ اهڙو پليٽفارم فراهم ڪرڻ جنهن ۾ هو انساني حقن جي بنيادي ناهن جي عالمي ذميوارين جي حاصلاتن ۾ پيش ايندڙ مامرن ۽ للڪارن کي واضع ڪندڙ تعميري بحث مباحثو ڪري سگهن
- انساني حقن جي عالمي ذميوارين جي پورائي ڏانهن وهنوارن بابت سکڻ ۽ سفارشون ڪرڻ

اسين انهن مشاورن ۾ سهولت ڪاري فراهم ڪندڙ ماهرن جا ٿورائتا آهيون، **ماهرن جا نالا ۽ سندن تعارف ضميمي** ۾ شامل آهن، ٿورا آزاديءَ واسطي فريڊرڪ نومن فائونڊيشن جا سندن پنيرائي لاءِ ۽ مس انيسا ڊار جا هيءُ ليک سهيڙڻ واسطي.

# 2. گڏيل قومن جو انساني حقن جي نگرانيءَ جو سرشتو

## 2.1 انساني حقن جا بنيادي ناهه ۽ انهن جي آڌار تي ادار: هڪ جائزو

گڏيل قومن جو انساني حقن جي نگرانيءَ جو سرشتو رياستن طرفان پنهنجي ناهن وارين ذميوارين جي پورائي جي نگرانيءَ جو اختيار رکندڙ آزاد ماهرن تي ٻڌل ۽ انساني حقن جي عالمي ناهن تحت قائم ڪيل ادارن ۽ انساني حقن جي ڪائونسل سميت گڏيل قومن جي پڌرنامي تحت آڌاريل ادارن تي ٻڌل آهي. پڌرنامي تحت جوڙيل ادارن ۾ انساني حقن بابت ڪميشن، انساني حقن جي ڪائونسل ۽ خاص وهنوار شامل آهن. ڏسو ضميمو الف: پاڪستان جون عالمي قانوني ذميواريون، انهن جي سرگرمين ۽ اهم ڪمن ڪارين بابت تفصيل لاءِ سيڪشن 2 ۽ 3.

UPR گڏيل قومن جي انساني حقن واري ڪائونسل جو هڪ اهم وهنوار آهي جيڪو ميمبر رياستن جي انساني حقن بابت ذميوارين ۽ وعدن جي پورائي واري عمل کي بهتر بنائڻ واري مقصد جو جائزو ثو وٺي. انهيءَ وهنوار ذريعي، ڪيترائي ملڪ پاڪستان ڏانهن آئيني ترميمن ۽ سڌارن کي متعارف ڪرائيندي، قانون سازي ڪندي، انساني حقن جي تحفظ واسطي ادارتي بندوبست بهتر ڪندي، عورتن خلاف تشدد، عورتن ۽ ڇوڪرين جي واپار وٺج ۽ عورتن جي صحت کي بهتر ڪندي صنفي مامرا نبيرڻ، فردن ۽ ڪمزور گروپن جي حقن جو تحفظ ڪندي، زوري ڪنيڻ جي واقعن کي گهٽائيندي، رهائش، صاف پاڻي ۽ نڪاس جي فراهميءَ ذريعي معاشي ۽ سماجي چوٽڪارو ڏيارڻ واسطي سفارشون اُماڻيندا رهيا آهن. ڏسو ضميمو الف: پاڪستان جون عالمي قانوني ذميواريون، پاڪستان کي ٽين UPR چرخي تحت مليل سفارشن جي جائزي ۽ وهنوار بابت تفصيل لاءِ سيڪشن 3 ۽ 4.

### انساني حقن جا بنيادي ناهه

ڪُل نَوَ انساني حقن جا بنيادي ناهه آهن، جن مان زوري ڪنيڻ واري مامري تي تازو ترين ناهه 23 ڊسمبر 2010 تي عمل هيٺ آيو آهي. 1948 ۾ انساني حقن جي عالمي پڌرنامي جي منظوريءَ کانوٺي، گڏيل قومن جي سمورن ميمبرن گهٽ ۾ گهٽ هڪ بنيادي ناهه جي توثيق ڪئي آهي جڏهن ته منجهائن اسي سيڪڙو چار يا وڌيڪ ناهن جي توثيق ڪري چڪا آهن. هينيان نَوَ بنيادي ناهه عالمي انساني حقن واسطي بنياد جو ڪم ڪن ٿا:

1. سمورن قسمن جي نسلي مت ڀيد جي خاتمي واسطي عالمي عهدنامو (ICERD) 1965
2. شهري ۽ سياسي حقن واسطي عالمي عهدنامو 1966
3. معاشي، سماجي ۽ ثقافتي حقن واسطي عالمي عهدنامو (ICESCR) 1966
4. عورتن خلاف مت ڀيد جي سمورين شڪلين جي خاتمي واسطي عهدنامو (CEDAW) 1979
5. تشدد ۽ ٻين ظالماڻن، غير انساني يا توهين آميز ورتائن يا سزائن خلاف عهدنامو (CAT) 1984
6. ٻارن جي حقن جو عهدنامو (CRC) 1989
7. سمورن لڏپلاڻ ڪيل پورهيتن ۽ سندن ڪٽنب ڀاتين جي حقن جي تحفظ واسطي عالمي عهدنامو (ICMW) 1990
8. سمورن فردن کي زوري ڪنيڻ کان تحفظ واسطي عالمي عهدنامو (CPED) 2006
9. معذوريءَ وارن فردن جي حقن واسطي عهدنامو (CRPD) 2006

### ناهن تي آڌاريل ادارا

هن وقت گڏيل قومن جا ناهن تي آڌاريل ڏهه ادارا آهن جيڪي آزاد ماهرن جون ڪميٽيون آهن. انهن مان نَوَ مٿي ڄاڻايل بنيادي عالمي انساني حقن جي ناهن تي عمل درآمد جو جائزو ٿا وٺن جڏهن ته ڏهون ادارو، تشدد خلاف

عهدنامي جي اختياري وهنوار تحت قائم ڪيل تشدد جي روڪٿام بابت ذيلي ڪميٽي آهي، جيڪا اختياري وهنوار وارين رياستن ۾ حراستي/نظربندي جاين/مرڪزن جي نگراني تي ڪري.

اِهي ڏهه ادارا هيٺين ريت آهن:

- نسلي مت ڀيد جي خاتمي بابت ڪميٽي (CERD)
- معاشي، سماجي ۽ ثقافتي حقن بابت ڪميٽي (CESCR)
- انساني حقن جي ڪميٽي (CCPR)
- عورتن خلاف مت ڀيد جي خاتمي بابت ڪميٽي (CEDAW)
- تشدد خلاف ڪميٽي (CAT)
- ٻارن جي حقن بابت ڪميٽي (CRC)
- لاڏائو پورهيتن بابت ڪميٽي (CMW)
- تشدد جي روڪٿام بابت ڪميٽي (SPT)
- معذوريءَ وارن فردن جي حقن بابت ڪميٽي (CRPD)
- زوري ڪنيڻ بابت ڪميٽي (CED)

ٺاهن بابت ادارا رياستن طرفان وقت بوقت داخل ڪرايل رپورٽن جو جائزو وٺندا آهن، انهن مان گهڻي ڀاڱي مختلف ٺاهن جي وهنوارن/بندوبستن جي ڏس ۾ عمومي ويچار يا سفارشون ونديندا آهن، ۽ ڪي انفرادي لکپڙهه ۽ جانچ پڙتالون ڪندا آهن (تفصيل واسطي، ضميمو الف: پاڪستان جون عالمي قانوني ذميواريون، سيڪشن 6)

## 2.2 عالمي قانوني ذميوارين جي حوالي سان پاڪستان جي حيثيت/نوعيت

ضميمو الف: پاڪستان جون عالمي قانوني ذميواريون مان ورتل هيٺين جدول پاڪستان طرفان صحيح ڪيل ۽ توثيق ڪيل بنيادي نون ٺاهن جو ڏس ڏئي ٿي.

| انساني حقن جو ٺاهه | حيثيت ۽ توثيق جي تاريخ |
|---|---|
| شهري ۽ سياسي حقن بابت عالمي عهدنامو (ICCPR) | 23 جون 2010 تي توثيق ڪيل |
| معاشي، سماجي ۽ ثقافتي حقن بابت عالمي عهدنامو (ICESCR) | 17 اپريل 2008 تي توثيق ڪيل |
| عورتن خلاف مت ڀيد جي سمورين شڪلين جي خاتمي بابت عهدنامو (CEDAW) | 12 مارچ 1996 تي صحيح ڪيل |
| نسلي مت ڀيد جي سمورين شڪلين جي خاتمي بابت عالمي عهدنامو (ICERD) | 21 ڊسمبر 1966 تي توثيق ڪيل |
| ٻارن جي حقن بابت عهدنامو (CRC) | 20 نومبر 1990 تي توثيق ڪيل |
| تشدد ۽ ٻين ظالماڻي، غيرانساني ۽ توهين آميز ورتائن يا سزائن خلاف عهدنامو (CAT) | 23 جون 2010 تي توثيق ڪيل |
| معذوريءَ وارن فردن جي حقن جو عهدنامو (CRPD) | 5 جولاءِ 2011 تي توثيق ڪيل |
| سمورن لاڏائو پورهيتن ۽ سندن ڪٽنب ڀاتين جي حقن جي تحفظ بابت عالمي عهدنامو (ICMW) | توثيق ڪيل |
| سمورن فردن کي زوري ڪنيڻ کان تحفظ واسطي عالمي عهدنامو (ICED) | توثيق ڪيل |

## 2.3 ناهن بابت ادارن جا مشاهدا

ضميمو الف: پاڪستان جون عالمي قانوني ذميواريون مان ورتل هيٺين جدول پاڪستان جي تازي ترين رپورٽن بابت ناهن بابت ادارن جي مشاهدن ۾ اُٿاريل اهم مامرن/ڳڻتين جو وچوڙ ڄاڻائي ٿي.

| انساني حقن جو ادارو/نگرانيءَ ادارو | اهم مامرا/ڳڻتيون |
|---|---|
| ICCPR (انساني حقن جي ڪميٽي) | ’پاڪستان جي ابتدائي رپورٽ تي اختتامي مشاهدا‘ 12 جولاءِ 2017<br>عهدنامي جي مڪمل ۽ اثرائتي اطلاق جي خاطريءَ ڪي آڏو رڪندي رياست کي شق 3 ۽ 25 تي پنهنجي باقي خدشن تان هٿ کڻڻ تي ويچارڻ گهرجي (پيرا 8)<br>ڪميٽيءَ کي نام نهاد غيرت جي نالي تي قتل جاري رهڻ تي ڳڻتي آهي، تہ انهن ڪيسن مان ڪن ۾ قصاص ۽ دئيت جا قانون اطلاع موجب لاڳو ڪيا ويا آهن، ۽ اِهو تہ ڏورانهن علائقن ۾ ڪجهہ قبائلي جرڳا اهڙا ڪيس نبيرڻ جو عمل جاري رکندا پيا اچن (پيرا 13)<br>ڪميٽي ڳڻتيءَ سان ڏسي ٿي تہ رياست ڊسمبر 2014 ۾ موت جي سزا تي پنهنجي معطلي ختم ڪري ڇڏي ۽ ان ڪانپوءِ اِها سڀ کان وڌيڪ موت جي سزا ڏيندڙ رياست بڻجي وئي آهي. ان تي خاص طور تي ڳڻتي آهي تہ موت جي سزا عهدنامي جي شق (2) 6 جي مفهوم ۾ ايندڙ ’انتهائي خطرناڪ ڏوهن‘ کان سواءِ بہ ڏوهن تي ڏني ٿي وڃي... (پيرا 17)<br>زوري ڪنيڻ بابت جانچ ڪميشن جڙڻ جو آڌرڀاءُ ڪندي، ڪميٽيءَ کي ڪميشن جي غيراثرائتي اختيارن ۽ وسيلن تي ڳڻتي آهي جنهن ڪري لاڳاپيل اختياريون ڪميشن جي حڪمن جي پوئواري نٿيون ڪن، ۽ ڪميشن آڏو آندل ڪيسن مان گهٽي پاڳي اجان اڻ نبيريل آهن، جنهن واسطي مرتڪبن خلاف ڪابہ فوجداري ڪاروائي نہ ڪئي وئي آهي (شق 2، 6، 7، 9، 14 ۽ 16) (پيرا 17) |
| معاشي، سماجي ۽ ثقافتي حقن بابت ڪميٽي | پاڪستان جي ابتدائي رپورٽ تي اختتامي مشاهدا، 23 جون، 2017<br>ڪميٽيءَ کي ڳڻتي آهي تہ عهدنامي جا حق ملڪي قانوني ضابطي ۾ مڪمل طور تي شامل نہ ڪيا ويا آهن، خاص طور تي اِهو تہ رياستي آئين معاشي، سماجي ۽ ثقافتي حقن کي بنيادي حق نٿو ليکي جيڪي انصاف لائق آهن، پر انهن کي رڳو پاليسي رهنما طور قبولي ٿو (پيرا 5)<br>ڪميٽي تجويز ٿي ڪري تہ رياست رنگ، ٻولي، سياسي يا ٻئي ڪنهن موقف، قومي يا سماجي بڻ بڻياد، ملڪيت، معذوري، جنسي ورتاءُ ۽ صنفي سڃاڻپ يا ڪنهن ٻئي حيثيت سميت سمورن حوالن سان مت ڀيد جي آئيني طور تي روڪٿام واسطي آئين جي 25 کان 27 شقن کي بدلائڻ تي ويچاري (پيرا 20)<br>ڪميٽي سفارش ٿي ڪري تہ رياست صنف جي بنياد تي مت ڀيد ڪندڙ سمورن مامرن کي ختم ڪرڻ جي پيشِ نظر اولهہ پاڪستان مسلم پرسنل لا (شريعت) ايڪٽ 1962 ۽ قانونِ شهادت آرڊر، 1984 سميت پنهنجي قانون سازيءَ تي نظرثاني ڪري (پيرا 34) |

| ٻارن جي حقن بابت ڪميٽي | پاڪستان جي پنجين معيادي رپورٽ تي اختتامي مشاهدا، 3 جون 2016<br>چوڪرن ۽ چوڪرين ٻنهي جي وهان واري ڄمار ارڙهن ورهيه ڪرڻ بابت ٻارن جي شاديءَ جي روڪٿام واري ايڪٽ ۾ 2013 وارين ترميمن جي آجيان ڪندي، ڪميٽيءَ کي ٻين صوبن ۾ چوڪرن لاءِ شاديءَ جي گهٽ ۾ گهٽ ڄمار ارڙهن ورهيه ۽ چوڪرين جي گهٽ کان گهٽ ڄمار سورهن ورهيه هئڻ واري اڻبرابريءَ تي ڳڻتي آهي (پيرا 16)<br>ڪميٽي ارڙهن ورهين کان گهٽ ڄمار هئڻ مهل ڪيل ڏوهن تي موت جي سزا ڏيڻ يا ڊسمبر 2014 ۾ موت جي سزا تان روڪ هٽائڻ ڪانپوءِ فرد جي ڄمار تي سوال بابت رپورٽن تي انتهائي ڇرڪيل آهي.... (پيرا 24) |
|---|---|

## 3. انساني حقن بابت رپورٽنگ ۽ عمل درآمد ۾ للڪارون

پوئين حصي ۾ ونديل مشاهدن، اڳ ۾ بحث هيٺ آندل UPR تبصرن ۽ پاڪستان کي ڪيل سفارشن (سفارشن جو وچوڙ ضميمو ب: عالمي/عمومي معيادي جائزي بابت ورڪنگ گروپ جي رپورٽ - پاڪستان ۾ شامل آهي) جي بنياد تي اِهو واضع آهي ته پاڪستان انساني حقن جي اطلاق ۽ پنهنجون عالمي ذميواريون پوريون ڪرڻ ۾ للڪارن جو شڪار آهي. انڪري، انهن مشاورتن دوران، غير سرڪاري تنظيمن، انساني حقن جي فورمن، قانون واري سرشتي، سڌسماءُ، حڪومتي ادارن ۽ سول سوسائٽيءَ سان تعلق رکندڙ شريڪ ٿيندڙن رپورٽنگ ۽ عمل درآمد جي للڪارن تي ڌيان ڌريندي انهن کي واضع ڪيو.

### 3.1 آئيني قانون بمقابله عالمي قانون

ماهرن واضع ڪيو ته رواجي عالمي قانون ڪنهن ناهه يا عهد نامي جي توثيق کان متيري ريت سمورين رياستن کي قبول آهن ۽ (1) رياستي عمل/وهنوار ۽ (2) قانوني ذميواريءَ ذريعي لاڳو ڪري سگهجي ٿو)، هيءُ حق گهٽائي/معطل ڪري نٿا سگهجن. زندگيءَ/جيئڻ جو حق، پناهگيرن ۽ لاڏائو ماڻهن جا حق، انساني بنيادن تي مداخلتون وغيره کي ڪنهن ناهه يا رياستي صحيح جي ضرورت ناهي ۽ ڪنهن رياست هئڻ طور انهن جي پوئواري ٿيڻ گهرجي. انهن قانونن جي پيچيدگيءَ واسطي خاص طور تي دوئي جي پيروڪار رياستن وٽ وڏي گنجائش هجي ٿي.

مشاورتن دوران، پاڪستان متعلق بنيادي ڳڻتي انجي يڪ آوازي بدران دوئي جي پيروڪار رياست هئڻ جي سامهون آئي. پاڪستان هڪ دوئي جي پيروڪار رياست آهي جتي عالمي عوامي قانون به رڳو ان صورت ۾ لاڳو ٿي سگهن ٿا جڏهن اُهي مقامي قانونن سان نهڪاءُ ۾ ايندڙ هجن. بهرصورت، رياست کي پنهنجي عالمي ذميواريون پوريون ڪرڻ ۾ ناڪام رهڻ جو جوابدار ليکيو ويو. عورتن، اقليتن ۽ ٻارن جي حقن جو تحفظ ڪندڙ ناهن بابت اڻ سهمتي متعلق وڌيڪ تفصيل ضميمو الف: پاڪستان جون عالمي ذميواريون جي سيڪشن 2.3 ۾ بيان ڪيل آهن. اِهو نوٽ ڪرڻ اهم آهي ته ناهن جي قانون بابت ويانا ڪنونشن موجب، ناهه جي مول متي ۽ مقصد سان نهڪاءُ ۾ نه ايندڙ ڪو اختلاف جوڳو نه هوندو (شق 19)

شريڪ ٿيندڙن انهن اڻ سهمتين کي مثال طور واضع ڪندي اظهار ڪيو ته کهڙي ريت اِهي اڻ سهمتيون لاڳاپيل ناهن جي مول متن ۽ حقيقي جذبي جي خلاف ٿيون وڃن. پاڪستان CEDAW جي وهنوارن کي پنهنجي مقامي قانونن ۾ اوتڻ واسطي ڪو قانوني ڍانچو اختيار نه ڪيو آهي، ساڳي ريت انجو آئين تشدد خلاف ناهه جي ذميوارين سان پڻ نهڪندڙ ناهي. ان سان گڏوگڏ، برطانوي راڄ کان ورثي ۾ ماڻيل پاڪستان جا گهڻي ڀاڱي


Pakistan's International
Legal Obligations




Pakistan's International
Legal Obligations


Pakistan's International
Legal Obligations


Pakistan's International
Obligations

فوجداري قانون مدي خارج آهن ۽ تشدد جي سمورين شڪلين کي واضع ۽ ڏوهارڪ حيثيت ڏيڻ کان قاصر آهن. تشدد خلاف بلن جا ڪيترائي مسودا ڪيترن ئي سالن کان پارليامنٽ آڏو پيل آهن پر حڪومت يا پارليامنٽ جي اڪثريت وٽان جوڳي اڪثريت ماڻي نہ سگهيا آهن. گڏوگڏ، تعليمي ادارن، ڪم ڪار تي يا گهرن ۾ ٻارن کي جسماني سيڪت سميت تشدد جا ٻيا انداز پڻ ملڪ ۾ مڪمل پابندي هيٺ ناهن. پاڪستان طرفان اڻ سهمتي مذهب ۽ اسلامي قانونن تي آڌاريل آهن، جنهن واسطي پاڪستان چاٽائي ٿو تہ، "اسلامي جمهوريا پاڪستان اعلان ٿو ڪري تہ شق الف ب ت جا وهنوار ان حد تائين لاڳو ڪيا ويندا جو اُهي پاڪستان جي آئين جي شقن/وهنوارن ۽ شرعي قانونن سان ٽڪراءُ ۾ نہ ايندا." جيڪو امر ڪين مذهب ۽ ثقافتي وهنوارن تحت پنهنجا قانون لاڳو ڪرڻ جو حق ٿو فراهم ڪري. بلوچستان سان تعلق رکندڙ هڪ خاتون شريڪ ڪار واضع ڪيو تہ ڪهڙي ريت انهن اڻ سهمتين ۽ دوئي واري حيثيت سبب مئي 2017 ۾ وهان لاءِ ڇوڪرين جي ڄمار ارڙهن سال ڪرڻ وارو هڪ رٿيل ٻارن جي شاديءَ جي روڪٿام (ترميمي) وارو بل اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ طرفان منظور ٿيڻ جي باوجود اسلامي نظرياتي ڪائونسل اِهو چئي ٽڏي ڇڏيو تہ وهان ڪنهن بہ ڄمار ۾ ڪري سگهجي ٿو البتہ رخصتيءَ جي ارڙهن ورهين جي ڄمار ڪانپوءِ ئي اجازت ڏني وڃي. هُن پاڪستان جي يڪ آوازي رياست هئڻ جي صورت ۾ ان مامري تي عالمي قانون جي فوقيت هئڻ کي واضع ڪيو.

ڪشمير بابت پڻ هڪ تڪراري ايراضيءَ طور انهن مشاورتن ۾ بحث ڪيو ويو. ڀارت جي سرواڻ سياسي جماعت ڀارتيا جنتا پارٽيءَ آئين جي شق 370 ذريعي خاص حيثيت ختم ڪندي پنهنجي چونڊ نعري جو عملي ثبوت ڏنو آهي. اِها آئيني پهل عالمي عوامي قانونن تحت ڪيترين ئي انساني حقن جي ڀڃڪڙين جو موجب بڻي آهي. 2019 دوران، جولاءِ ۾ 296 جنگ بنديءَ جا واقعا ٿيا، جيڪي آگسٽ ۾ 307 ۽ سيپٽمبر ۾ 292 رهيا. جولاءِ 2017 ۾ اهڙين ڀڃڪڙين جو ڳاڻيٽو 68 هو جڏهن تہ 2018 ۾ اِهو انگ 13 رهيو. آگسٽ 2017 ۾ 108 ڀڃڪڙيون ٿيون جڏهن تہ سيپٽمبر 2017 ۽ 2018 ۾ ترتيبوار اِهو تعداد 101 ۽ 102 رهيو. (1)

ٻئي پاسي، هڪ اهڙو ڪيس سامهون آندو ويو جيڪو امريڪا طرفان CEDAW بابت توثيق واري حيثيت جي عالمي قانونن کي مقامي روپ نہ ڏيڻ سبب عالمي ذميواريون پوريون ڪرڻ جي راهہ ۾ رڪاوٽ ٿي بڻيو. امريڪا CEDAW جي توثيق کان انڪاري آهي ڇاڪاڻ جو انجو خيال آهي تہ انجا وفاقي قانون عالمي عوامي قانون ذريعي نٿا جڙي سگهن. ايمنسٽي انٽرنيشنل جهڙيون عالمي تنظيمون CEDAW جي توثيق واسطي امريڪي هبڪ جي ڏس ۾ سببن طور سامهون ايندڙ هينين مفروضن کي ختم ڪرڻ جي وڪالت ۾ رڌل آهن (2)

1. عهدنامي جي وهنوارن جي امريڪي وفاقي ۽ رياستي قانون تي بالادستيءَ سان عالمي برادريءَ کي CEDAW جي توثيق جي حوالي سان وڌي وٺ حاصل ٿيندي.
2. "مت ڀيد" CEDAW ۾ انتهائي وسيع تناظر ۾ واضع ٿيل آهي ۽ امريڪا ۾ ان تي عمل درآمد اڻ ڏاهپ ڀريل قانونن ۽ "غير سنجده" قانوني ڪاروائين جو دڳ کوليندو.
3. CEDAW "ڪٽنبي رٿابنديءَ" ڏانهن رسائي جي ڀنيرائي ذريعي اسقاطِ حمل کي همٿائي ٿو.
4. CEDAW کي "ڪٽنب" جي نئين سر اُپٽار ذريعي امريڪا ۾ روائتي ڪٽنبي ڍانچي ۽ مردن ۽ عورتن جي واسطيدار ڪردارن کي تباهہ ڪرڻ واسطي يا ٻارن جي پالنا ۾ والدين جي مناسب ڪردار سان هٽ چراند ڪرڻ واسطي استعمال ڪيو ويندو.
5. ناهہ هڪ صنفي اسڪولن لاءِ خطري جو سبب بڻبو ۽ "صنفي اڻ ذرئي" نصابي ڪتابن جو گهرجائو بڻبو.
6. امريڪا طرفان CEDAW جي توثيق کي ساڳي جنس جي شادين لاءِ اجازت طور استعمال ڪري سگهجي ٿو.
7. ناهہ جسم فروشيءَ لاءِ قانونسازيءَ جو گهرجائو بڻبو.

(1) https://foreignploicy.com/2019/11/07/in-the-line-of-fire-along-kashmirs-line-of-control/
(2) https:/www.amnestyusa.org/files/pdfs/cedaw_fact_sheet.pdf

متي ڄاڻايل سببن ڪري، نوٽ ڪيو ويو ته قدامت پرست معاشرا پنهنجي مقامي قانونن ذريعي پنهنجي خودمختياريءَ جو تحفظ ڪرڻ جي حق ۾ آهن. اِهي انهن ملڪن جي پٺ پرائي ٿا ڪن جيڪي پنهنجي نظرين، پنهنجي ثقافتي وهنوارن جي احترام ۽ پنهنجي سلامتي جي مامرن کي مٿاهون رکندي عالمي ذميوارين کان پنهنجو پاڻ کي آجو ٿا ڪن.

## 3.2 جائزي ڪار ادارن ۽ عمل درآمدي سيلن جي حيثيت

پاڪستان 2012 ۾ UPR جي ٻئي چرخي دوران آيل سفارشن مان ڪي لاڳو ڪيون آهن. ان انساني حقن جي نگراني واسطي آئيني ادارو انساني حقن بابت قومي ڪميشن (NCHR) قائم ڪيو آهي پر انکي آزاداڻي انداز ۾ ڪم ڪرڻ واسطي مناسب ريت بااختيار بنائڻ جي ضرورت آهي. ساڳي ريت، عالمي وعدن جي پورائي لاءِ جوڙيل ڪميشن ڪنهن نه ڪنهن ريت سرڪاري ادارن سان ڳنڍيل آهن. پئرس اصولن موجب، ناهن جي نگراني ڪندڙ ادارن ۽ ڪميشنن کي مالي ۽ انتظامي خودمختياري گهربل هوندي. انهن ادارن کي ڪثير الجهتي ۽ سموئيندڙ هئڻ جي ضرورت آهي. گڏوگڏ انساني حقن واري ڪميشن کي شڪائتون وصول ڪرڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ لاءِ اختيارن جي گهرج آهي. اهي ڪميشنون عالمي ذميوارين جي پورائي لاءِ قائم ڪيون ويون آهن ۽ انهن کي حڪومت جو حصو نه هئڻ گهرجي پر اصل ۾ اِهو ٿئي نه پيو (يورپي يونين جي سفارش جي تفصيل واسطي ڏسو ضميمو الف: پاڪستان جون عالمي ذميواريون، سيڪشن 3.2)

لاهور ۾ مشاورت دوران، ناهه تي عمل درآمدي سيل جي هڪ رڪن ونديو ته انتظامي طور تي انساني حقن ۽ اقليتي مامرن جو کاتو، پنجاب حڪومت تحت آهن. جڏهن ته ميمبرن کي ناهن سان نهڪاءُ واسطي رابطي ڪاريءَ لاءِ مختلف شعبن ڏانهن ڊوڙائڻ بدران ڪين سڌوسنئون وڏي وزير تحت ڪرڻ جي ضرورت آهي. ”اسين ناهن جو رابطي سيل ناهيون.“ عيوضيءَ جو چوڻ هو. اِهو پڻ سامهون آندو ويو ته وهنوار جا طور طريقا پڻ جوڙيا نه ويا آهن ۽ UPR ۽ يورپي يونين جي سفارشن جي باوجود هو پنهنجو پاڻ کي وزارت کان ڌار ڪري نه سگهيا آهن. بدقسمتيءَ سان، کاتو اُن حد تائين سفارشون قبولڻ جوڳو ناهي جيترو انکي هئڻ گهرجي جنهن سبب عالمي ذميوارين کي لاڳو ڪرڻ يا ان بابت پيجڪڙيون رپورٽ ڪرڻ جي انجي صلاحيت محدود ٿي ٻڃي وڃي. ماحوليات، پورهيت قانون، CEDAW ۽ تشدد خلاف عهدنامي جي عالمي ذميوارين بابت GAP جو تجزيو کاتي کي پيش ڪيو ويو. ان جي آڌار تي هڪ بل رٿيو ويو جيڪو اجان تائين گهرو کاتي ۾ اڻ ڇهيو پيو آهي. چيف سيڪريٽريءَ ان مامري جي جانچ جي تجويز ڏني پر سندن مفاد ڪنهن ٻئي پاسي آهن تنهنڪري هو انهن پيجڪڙين بابت سفارشون ۽ مشاهدا وصول ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. انتظامي ۽ مالي لحاظ کان ڪمزور هئڻ ڪري سيل بي اختيار ٻڌل آهن.

ساڳي ريت ڪوئيٽا ۾، ناهن جي ادارن جي راءِ وارو مامرو صرف سفارشن تائين ئي محدود رهيو ڇاڪاڻ جو ڪابه سفارش قانوني طور تي پورائي وارو ست نٿي رکي. جيتوڻيڪ ڪنهن قوم جي ساک انهن سفارشن کي لاڳو ڪرڻ واري انجي سياسي عزم تي آڌاريل آهي، پر انجي ورلي ئي پوئواري ٿئي ٿي ڇاڪاڻ جو رياست کي جوابده بنائڻ واسطي ڪنهن قانون سازي يا خودمختيار اداري جو ڪو وجود ئي ناهي.

ڪراچيءَ جي مشاورت ۾، ناهن تي عمل درآمد واري سيل وٽ شڪائتون درج ڪرڻ يا اُماڻڻ جا وسيلا يا صلاحيت نه هوندي انتهائي ننڍڙي ٽيم آهي. سيل جي سربراهي قانون، پارلياماني مامرن ۽ انساني حقن واري کاتي جي سيڪريٽريءَ وٽ هئي ۽ وٽن نئين ايندڙ جانشين جي اجان ڪوٺ آهي. سيل ڪا شڪائت وصول نٿو ڪري ڇاڪاڻ جو انجي بدران عورتن جي ترقي، پورهيت ۽ رٿابندي ۽ ترقيات وارا کاتا شڪائتون وصول ڪن ٿا. انهن حقن جي وڪالت ڪندڙ ڌرين جي اٿهوند پڻ مسئلن کي ڳنڀير ٿي ٻڌائي ۽ جت ڌريون/ادارا آهن به ته اهي انساني حقن جي ترويج واسطي صلاحيت يا سجاڳي نٿا رکن.

انڪري، قانونسازيءَ واري ڍانچي، مالي ۽ انتظامي اختياريءَ جي اڻھوند ۽ رياستي ڪاٽن سان ڳنڍيل ھئڻ سبب سيل قائم ٿيڻ جي باوجود اثرائتي ۽ ڪارائتي ريت ڪم ڪرڻ ڪان قاصر آھن.

## 3.3 واسطيدارن ڪي رپورٽنگ جون للڪارون

UPR وھنوار/طور طريقي تحت، جائزي وارو مرحلو ٽن بنيادي ذريعن ڪي استعمال ڪندي ڪيو ويندو آھي، (1) SUR طرفان ھڪ قومي رپورٽ، (2) گڏيل قومن جي انساني حقن وارن و ھنوارن طرفان SUR ڪي ڏنل سفارشن جي OHCHR ذريعي تيار ڪيل وچوڙ، ۽ (3) ٻين واسطيدارن طرفان فراھم ڪيل ڄاڻ- جائزي جو حتمي بنياد غير سرڪاري تنظيمن، انساني حقن جي قومي ادارن، انساني حقن جو تحفظ ڪندڙن، علمي ادارن، تحقيقي مرڪزن ۽ علائقائي تنظيمن طرفان فراھم ڪيل ڄاڻ آھي. UPR بابت وڌيڪ ڄاڻ ضميمو الف: پاڪستان جون عالمي ذميواريون، سيڪشن 4.4 ۾ ڏسي سگھجي ٿي.

مشاورتن دوران، اِھو نوٽ ڪيو ويو تہ سول سوسائٽيءَ سان تعلق رکندڙ ڪجھ شريڪ ڪار ماضيءَ ۾ متبادل/ پاسيري رپورٽنگ واري عمل ۾ شامل رھيا آھن. ڪوئيٽا جي شريڪ ڪارن ٻارن جي حقن واري عھدنامي ۽ CEDAW (عورت فائونڊيشن ذريعي) ۾ ٻين انساني حقن جي پيڪڙين بابت رپورٽ ڪيو. جڏھن تہ منجھائن ھڪ واضع ڪيو تہ عمل غير محفوظ ھو ۽ رپورٽنگ سول سوسائٽيءَ سان تعلق رکندڙن مان ڪيترن ڪي ڪنھن ڏچي ۾ ڦاسائي سگھي ٿي. ھُن خاص طور تي انٽيليجنس ايجنسين جي پنھنجي گھر اچي ڪيس يورپي يونين جي نمائندن سان لھہ وچڙ ۾ اچڻ ڪان پاسو ڪرڻ جي صلاح ڏني جو ذڪر ڪيو. سمورين مشاورتن ۾ شريڪ ٿيندڙن ۾ انساني حقن جي پيڪڙين جي رپورٽنگ ڪندي سول سوسائٽي واري شعبي ۾ انساني حقن جي ڪارڪنن ڪي درپيش مزاحمت بابت پڪرائپ ھئي.

غير سرڪاري تنظيمن ڪي گھٽائڻ/ سسائڻ وارو مامرو تفصيل سان بحث ھيٺ آيو، جڏھن گھٽ ۾ گھٽ ارڙھن تنظيمن، خاص طور تي ٻارن، عورتن ۽ اقليتن واسطي ڪم ڪندڙ ادارن ڪي سندن ڪم ڪار روڪڻ لاءِ چيو ويو.[3] ھنن UPR ۾ پاڪستان تي انجي اثرن ڪي واضع ڪيو ۽ انتي ڳڻتي ظاھر ڪئي تہ رياست ان عمل جي ڪا جوڳي وضاحت نہ پئي ڪري. گھڻي پاڳي غير اعتراضي سرٽيفڪيٽ (ڪم ڪار ڪرڻ واسطي) حقن سان اڻ آڏاريل تنظيمن ڪي جاري ڪيا ويا آھن ۽ رياست ڪي اِھا خاطري ڪرائڻ جي ھڪ پيچيدي عمل مان لنگھايو ويو آھي تہ اِھي "تڪراري" رٿائن ڪي لاڳو ڪري رھيون ھيون. انساني حقن واسطي ڪم ڪرڻ جو ارادو رکندڙ تنظيمن ڪي حڪومت طرفان رجسٽريشن ۽ غير اعتراضي سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ جي ڏس ۾ انيڪ ڏکيائين ڪي منھن ڏيڻو پيو آھي. ايستائين جو ڪجھ مھينن اندر مڪمل ٿيڻ جو امڪان رکندڙ عمل ڪي پورائي ۾ سالن جا سال لنگھي ٿا وڃن. لڳي ائين ٿو تہ "مقامي قدرن سان ٽڪراءُ" جي آڙ ۾ ڏينھون ڏينھن وٽي گھٽجندي پئي وڃي.[4]

زوري ڪنيڻ وارا ڪيترائي واقعا واسطيدارن جي اظھار جي آزادي ۽ ڄاڻ جي مٿا سٺا جي پنيرائي ڪرڻ واري ھمت پري پھل ڪارين سان لاڳاپيل رھيا آھن. گلالئي اسماعيل جو ڪيس پڻ واضع ڪيو ويو، جنھن ڪي فوج بابت ڳالھائڻ سبب ڪيترائي مھينا روپوشيءَ ۾ رھڻ بعد ملڪ ڇڏڻو پيو. گلالئي اسماعيل پاڪستان جي اختيارين طرفان سندس ملڪ ڇڏڻ تي جھل وجھڻ ۽ سڄي ملڪ ۾ پنھنجي ڳولا ڪانپوءِ اڄڪلھ امريڪا پھتل آھي.[5]

ٻئي پاسي، رياستي ڊپ سان گڏوگڏ، سجاڳيءَ جي گھٽ سطح ۽ حساسيت سبب واسطيدار رپورٽ ڪرڻ ڪان قاصر آھن. ڪراچيءَ ۾، ھڪ شريڪ ڪار واضع ڪيو تہ نااھليت ۽ سجاڳيءَ جي اڻھوند سبب ماڻھو پيڪڙي جو اطلاع نٿا ڪن. ھُن ھڪ مزدور قانون جي شائع ٿيل رپورٽ جو حوالو ڏنو جنھن ۾ ڪنھن پورھيت ۽ ڪم ڪار سان لاڳاپيل صحت ۽ حفاظت واري جوکم جو ذڪر ئي نہ ھو. ڪپڙي جي صنعت بابت ھڪ ٻئي اپياس جو حوالو ڏيندي

(3) https://www.reuters.com/article/us-pakistan-ngos/pakistan-tells-18-international-ngos-to-leave-actionaid-idUSKC1N3
(4) https://www.dawn.com/news/1189752
(5) https://www.bbc.com/news/world-asia-49765178

هُن وندبيو تہ آجر پورهيت حقن جي ڏس ۾ جاڳرتا ۽ ڄاڻ جي اڻھوند، تعليم جي گھٽ هئڻ، عمل درآمد جي خراب ڪارڪردگي ۽ ڪم ڪار جي جاين تي گھٽ معاوضي سبب ڀيڪڙين جو اطلاع نہ ڪندا.[6]

ڪوئيٽا جي هڪ شريڪ ڪار چوڪرين جي هڪ اسڪول ۾ ٽيل پنھنجي هڪ ڳالھہ ٻولھہ ونڊي. شريڪ ٿيندڙ شاگردن ۾ اوائلي ڄمار کان صلاحيتون پيدا ڪرڻ واسطي اسڪولي نصاب ۾ اخلاقيات، ٻين مذهبن، ماحوليات ۽ ٻين سماجي مامرن بابت تعليم ڏيڻ جي رٿ ڏني. هُن اهڙن سبقن جي تياريءَ لاءِ سهولت ڪار ڏيڻ جي پڻ آڇ ڪئي پر پرنسپل تشڪيڪ جو شڪار ٿيندي مٿس ”اين جي او ايجنڊا“ جي پيروي ڪرڻ جو الزام ڌريو. ساڳي مشاورت ۾، سهولتڪار عاليا خان پنجاب حڪومت سان پنھنجو تجربو ونڊيو. هو 2016 ۾ سماجي اڀياس جي نصاب ۾ صنف بابت هڪ باب متعارف ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيا جيڪو CEDAW وارين ذميوارين پٽاندر پڙهائڻو هو، جنهن ۾ خاص طور تي اوائلي ڄمار ۾ وهان ۽ نتيجي طور ٻار ڄڻڻ جي ڪري ڇوڪرين جي صحت سان لاڳاپيل مسئلن تي ويچار شامل هو. بهرحال، بنان اطلاع جي سندس هڪ اسڪول جي دوري دوران، هُن نوٽ ڪيو تہ ماستريائي صنف بابت باب کي مڪمل طور تي نظرانداز ڪندي عورتن جي گھريلو ڪم ڪار ڪرڻ، مڙس ۽ ٻارن جي سارسنڀال لهڻ سميت ڪنهن وقتيءَ ڪانسواءِ صبح سٿين وڳي کان رات ڏهين وڳي تائين وارين مصروفيتن بابت باب کي انتهائي تفصيل سان ٿي پڙهايو. هُن نئين نسل کي انساني حقن بابت ڄاڻ منتقل نہ ٿيڻ لاءِ اُستادن جي تربيت ۽ سجاڳيءَ کي وڏو سبب ليکيو.

ساڳي ريت، ڪراچيءَ ۾ اهو ڄاڻايو ويو تہ عالمي پناهگير پوءِ پل هو افغان هجن يا ڪنهن ٻئي ملڪ جا، پنھنجي حقن کان واقف ناهن ۽ روزمرهہ جي زندگيءَ ۾ هيسائڻ، ڏاڍاين ۽ ٻين ڏکيائين کي ڀوڳين ٿا ڇاڪاڻ جو ڪين آگاهي ناهي يا وري انساني حقن جي ادارن وغيره تائين رسائي نہ اٿن. اسلام آباد ۾ مشاورت دوران هڪ خاتون شريڪ ڪار پنھنجي ساٿين جي گھٽ صلاحيتن ۽ ڄاڻ کي واضع ڪيو جيڪي وڳوڙ ۽ تشدد ۾ فرق ڪرڻ کان قاصر آهن. هُن وندبيو تہ ڪورٽ ۾ ٿي جج عورتون، مستقل بنيادن تي ڪيسن سان لهہ وچڙ ۾ هوندي بہ CEDAW ۽ تشدد خلاف عهدنامي ۽ انهن جي ذميوارين کان اڻ ڄاڻ هيون. هوءَ اهڙي صورتحال تي دنگ هئي ۽ انهن اهم بنيادي انساني حقن جي ناهن بابت سٽن جج عورتن کي پنھنجي سر ڄاڻ ڏيڻ جو دڳ ورتائين.

مجموعي طور تي شريڪ ٿيندڙن ۾ عمومي يڪرائپ هئي تہ غير سرڪاري تنظيمن جي گھٽجندڙ وٿين، ڄاڻ جي گھٽ سطح ۽ اطلاع ڪندڙن جي حفاظت جو ڪو وهنوار نہ هئڻ سبب، واسطيدار OHCHR کي انساني حقن جي ڀيڪڙين جا اطلاع ڏيڻ ۾ ڳنڀير للڪارن جو منهن ٿا ڏسن.

## 3.4 ثقافتي ۽ مذهبي اثر

جهڙي ريت اڳواٽ ئي سيڪشن 3.1 ۾ واضع ڪيو ويو آهي تہ گھٽي ڀاڱي شريڪ ٿيندڙ ۽ ماهر عالمي قانونن کي آئيني قانونن ۾ لاڳو ڪرڻ جي ڏس ۾ مذهب ۽ شرعي قانونن کي مسئلي پريو/انجو بنياد ٿا ڀانئين. جهڙي ريت ”اسلامي جمهوريہ پاڪستان اعلان ٿو ڪري تہ شق الف ب ت جا وهنوار ان حد تائين لاڳو ڪيا ويندا جو اِهي پاڪستان جي آئين ۽ شرعي قانونن سان ٽڪراءُ ۾ نہ اچن.“ ٻارن، عورتن ۽ اقليتن جي حقن جو بچاءُ ڪندڙ انيڪ ناهن جي ڏس ۾ پاڪستان جي اعتراضن/هبڪ لاءِ استعمال ٿو ڪيو وڃي.

لاهور مشاورت دوران، اظهار جي آزاديءَ سان لاڳاپيل شق 19 تي بحث ڪيو ويو جنهن کي اخلاقيات، مهذب پڻي، اسلام جي شان، سلامتي ۽ بچاءُ جي واڌي شرطن ذريعي محدود بڻايو ويو آهي. انهيءَ واڌ کي اڪثر شهرين طرفان آزاداڻي طور تي پنھنجي اظهار واري حق جي استعمال تي راتاهو هڻڻ لاءِ استعمال ڪيو ٿو وڃي. اسان عهدنامن ۽ ناهن تي صحيحون ڪيون آهن جن موجب مذهب جي آڌار تي اڻ-مٽ پريو هئڻ گھرجي، ان هوندي

(6) https://www.ncbi.nlm.gov/pubmed/30623919

۽ احمدين کي اسانجي مقامي قانونن ذريعي غير مسلم قرار ڏنو ويو آهي.

مذهب کي خاص طور تي روائتي قانونن کي عالمي عوامي قانونن تي فوقيت ڏيڻ لاءِ استعمال ڪيو پئي ويو آهي. شهرين کي بين النسلي شاديون رجسٽر ڪرائڻ ۾ ڏکيائيون ٿيون پيش اچن، اسلام ڇڏي ڪو ٻيو مذهب اختيار ڪرڻ جي سزا موت آهي ۽ آسيا بيبي ۽ مشال خان جي ڪيسن ڪانپوءِ اِهو واضع آهي تہ توهين رسالت جا قانون انساني حقن جي پيڪڙيءَ جي راهہ ٺا هموار ڪن. پاڪستان جي سپريم ڪورٽ تسليم ڪيو آهي تہ ”توهين رسالت جي ڪيسن جي اڪثريت ڪوڙن الزامن تي ٻڌل آهي“ ۽ اِهي گهڻن مقصدن/مفادن جي تابع هجن ٿا. رپورٽ موجب، اهڙن مقصدن/مفادن جي اختياريون ورلي ئي چندچاڻ ڪن ٿيون جيڪي پيشوراڻي چٽاپيٽي، ذاتي يا مذهبي تڪرار جي بنيادن تي يا ڪي معاشي لاڀ پرائڻ واسطي تي سگهن ٿا.[7]

ڪراچي مشاورت دوران، زوري مذهب مٽائڻ وارو مامرو انتهائي تفصيل سان بحث هيٺ آيو. سنڌ ۾ زوري مذهب مٽائڻ وارا واقعا وڌي رهيا آهن.[8] ايڇ آر سي پيءَ 33 سالياني عام گڏجاڻيءَ ۾ ڄاڻايو تہ ”اِهو منظم ۽ سوچيل سمجهيل لاڙو ٿو لڳي ۽ انڪي اڳيئي پنهنجي عقيدي، طبقي ۽ سماجي معاشي حيثيت سبب جوکم جي شڪار برادرين جي جوکم جي شڪار ڇوڪرين ۽ نوجوان عورتن کي هيسائڻ واري وسيع تناظر ۾ ڏسڻ جي ضرورت آهي.“[9]

ساڳي ريت، ثقافتي اثرن ۽ صنفي روائتي تصورن انساني حقن جي جزن کي نصاب جو حصو بنائڻ جي راهہ ۾ رڪاوٽون پيدا ڪيون آهن. پوئين حصي ۾ ڄاڻايل نصابي ڪتابن ۾ عورتن جي گهريلو ڪم ڪار ڪندڙ طور ترويج پڻ انهن سخت گير ڪردارن کي واضع ٿي ڪري جيڪي پاڪستان عورتن لاءِ مختص ڪيو آهي.

سڄي دنيا جا مسلمان ملڪ شريعت کي قانون جي بڻ بنياد طور ٿا اختيار ڪن ۽ ان ۾ بہ صحيفن جي تشريح ۾ هڪٻئي سان ٽڪراءُ ۾ ٿا اچن. جهڙي ريت CEDAW جي معاملي ۾ سامهون آيو آهي، جت ڪيترن ئي مسلمان ملڪن کي ان بابت اختلاف/مونجهارا آهن پر اِهي هڪٻئي کان بنهہ ڌار آهن. هڪ مشاورت ۾ مراڪش جو مثال سامهون آندو ويو، جنهن جا اختلاف/مونجهارا پاڪستان کان گهڻو مختلف آهن، جيتوڻيڪ ٻئي ملڪ شريعت جي آڌار تي پنهنجا اختلاف/مونجهارا ٿا رکن. مراڪش پنهنجن ڪن اختلافن/مونجهارن کان هٿ ڪنيو پر 2014 ۾ ورڪنگ گروپ CEDAW جي شق 2 ۽ 5 بابت پنهنجا اختلاف/مونجهارن تان هٿ کڻڻ بابت رياست جي اڳتي وڪ وڌائڻ بابت معلوم ڪيو، جنهن جي جواب ۾ حڪومت پنهنجي انهيءَ موقف تي زور ڀريو تہ عهدنامي جي انهن وهنوارن تي انهيءَ صورت ۾ ئي عمل ٿي سگهندو جيڪڏهن اِهي اسلامي شريعت خلاف نہ هوندا ۽ انهن کي مراڪش جي ڪٽنبي ضابطي جي شق 34 ۽ 36 سان پڻ ٽڪراءُ ۾ نہ هئڻ گهرجي.[10]

ٻارن جي وهان وارو مامرو اُٿاريندي، ڪوئيٽا ۾ هڪ خاتون شريڪ ڪار درست طور واضع ڪيو تہ اسلامي قانون/شريعت ٻار جي ڄمار واضع نٿا ڪن، جيڪو امر پاليسيون جوڙيندڙن کي قانوني طور تي ٻار جي مختلف ڄمار ٿا ڄاڻائين. انڪري، مجموعي طور تي اِهو نوٽ ڪيو ويو تہ ثقافتي وهنوار ۽ مذهبي عقيدا عالمي ذميواريون پوريون ڪرڻ ۾ رڪاوٽ بڻيا آهن، خاص طور تي عورتن ۽ اقليتن جهڙن جوکم جي شڪار گروپن جي حيثيت ۾ حقن جي حوالي سان.

## 3.5 رياستي ۽ غير رياستي عنصرن هٿان اختيارن جو غلط استعمال ۽ اڪبوٽ

ايڇ آر سي پي پاڪستان کي ملڪ ۾ انساني حقن بابت ڳڻتين جي ڏس ۾ پنهنجي گهٽگهرن وٽان وصول ٿيندڙ سفارشن جي ڳاڻيٽي ۾ اضافو ٿيڻ تي انتهائي ڳڻتي آهي. ڪميشن جو انهن سفارشن ذريعي حوصلو وڌيو

(7) https://www.amnesty.org/en/documents/asa33/5136/2016/en/
(8) https://www.dawn.com/news/1494475
(9) https://www.pakistantoday.com.pk/2019/04/08/hrcp-concerned-over-forced-conversions-in-sindh/
(10) https://www.ohchr.org/Documents/Issues/Women/WG/DiscrminationAgainstWomentNationality.pdf

جيڪي پاڪستان طرفان 2017 واري جائزي تحت ”قبوليون/اهميت ڏنيون“ ويون، جن ۾ غربت ۽ اٽبرابريءَ ۾ لاٽ آٽڻ، زوري ڪنيڻ ڪي فوجداري ڏوهه قرار ڏيڻ ۽ خاطري ڪرڻ ته زوري ڪنيڻ ۽ عدالت کان متاهن قتلن جي سمورن الزامن جي تفصيلي جانچ ٿئي، خاطري ڪرڻ ته تشدد ڪرڻ جي سمورن جوابدارن کي انصاف جي ڪٽهري ۾ آندو ويندو، هرڪنهن لاءِ شفاف مقدمي جو حق، ۽ صحافين ۽ سڌسماءُ جي ڪارڪنن خلاف ڏوهن جي ڦبڄڻ جي روڪٿام شامل هئا. بهرحال، بلوچستان ۾ مشاورتن دوران، زوري ڪنيڻ وارو مامرو تفصيل سان ويچار هيٺ آيو جت شريڪ ٿيندڙن واضع ڪيو ته انهن جي تعداد ۾ اضافو پيو اچي ۽ ان کان بچاءُ واسطي ڪابه قانونسازي موجود ناهي. زوري ڪنيڻ بابت جانچ جي ڪميشن (COIED) وٽ هن وقت 2178 ڪيس اڻ نبيريل آهن ۽ گڏيل قومن جي زوري يا غير رضاڪاراڻي طور تي ڪنيڻ بابت ورڪنگ گروپ وٽ پاڪستان جا ست سئو کان وڌيڪ ڪيس تعطل ۾ پيل آهن جيڪو امر انهن پيچيڪڙين ۾ رياستي ۽ غير رياستي عنصرن طرفان اختيارن جي غلط استعمال جو ڏس تو ڏئي.

پاڪستان ۾ اميدوار چونڊڻ بدران سرڪاري عملدار ”مقرر“ ڪرڻ جو وهنوار آهي. مشاورتن انڪي به وائکو ڪيو ته عهدا پنهنجن کي نوازڻ، رشوت يا سفارش جي بنياد تي تا ڏنا وڃن. شريڪ ٿيندڙن اِهو قطعي طور تي محسوس ٿي ڪيو ته رياستي ۽ غير رياستي عنصرن (جهڙوڪ فوج) جا مفاد شهرين جي ڀلائي بدران پنهنجي ذاتي لاڀن جي حصول ۽ طاقت جي استعمال سان لاڳاپيل هجن ٿا. بلوچستان ۾ مشاورت، ٻارن جي حقن جي عهدنامي بابت حوالو ڏيندي، ذڪر ڪيو ته رياست ان ڳالهه لاءِ ذميوار آهي ته ڪوبه ٻار پورهيو خاص طور تي هاجيڪار ماحول ۾ ڪم ڪار نه ڪري پر عملي طور تي نندي چمار وارا ٻار اجان تائين اهڙين ڪمپنين ۾ ڪم ڪار پيا ڪن جيڪي عالمي واپار وٽچ ۾ شريڪ آهن. انهيءَ مسئلي کي منهن ڏيڻ وارو قانوني وهنوار ڪمزور ۽ سياسي اثر رسوخ هيٺ آهي. اِهو ونديو ويو ته بلوچستان ٻارن جي تحفظ وارو سيل 2016 ۾ ئي قائم ڪيو آهي ۽ انجا اجان تائين مول متا/وهنوار نه جوڙيا ويا آهن. ميمبرن جي پڇا ڪرڻ تي سول سوسائٽيءَ جي تنظيم جي هڪ عيوضيءَ چاتو ته ان يونٽ جا ارڙهن ميمبر اسيمبلي ميمبر آهن جنکي ٻارن جي حقن بابت ڪابه ڄاڻ يا اختيار حاصل ناهي.

هڪ ٻي خاتون شريڪ ڪار اِهو ونديندي رياستي مشينريءَ جي ڪمزوري ۽ اکبوٽ کي وائکو ڪيو ته رياست کي پنهنجا سمورا شهري رجسٽر ڪرڻ جي خاطري ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ مڪاني حڪومتون پاڪستان ۾ جمندڙ سمورن ٻارن جي رجسٽريشن واري مهم ۾ شامل هئڻ گهرجن. چمار بابت ڪا ڄاڻ نه هئڻ سبب، ٻارن جي پورهئي ۽ وهان جا ڪيترائي مامرا رپورٽ ٿيڻ کان رهجيو وڃن چاڪاڻ جو ٻارن جي چمار جي تصديق ٿيل تعين ڪرڻ جو ڪوبه ذريعو ميسر نتو هجي. هٿياربند ويڙهاند ۾ جهاد جي هڪ نتيجي طور ٻارن جي شموليت وارو مامرو پڻ بحث هيٺ آيو جنهن لاءِ ڪيترائي رياستي ۽ غير رياستي عنصر تشدد ۽ وڳوڙ لاءِ ٻارن جي ڀرتي ڪن ٿا. ساحل ٻارن جي حقن جي عهدنامي جي معيادي جائزي آڏو پنهنجون متبادل رپورٽون پيش ڪري ٿي جن ۾ ٻارن جي حقن جي پيچيڪڙين جي ڏس ۾ چرڪائيندڙ انگ اکر پيش ڪيا ٿا وڃن پر رياست اِهي مسئلا قبول ڪرڻ کان ئي نابري ٿي واري.

ڪامورڪي پنجوڙ ۽ ذاتي هرڪ/مفاد ڳنڀير معاملن کي اينگهائڻ جو سبب ٿا بڻجن، جيڪو پڻ مشاورتن دوران سامهون آيو. پاڪستان ۾ عورتن جي حيثيت بابت ڪميشن جي اڳوڻي رڪن عاليا خان پنجاب ۾ مختلف کاتن کان حاصل ڪيل ڄاڻ جي ذريعن مان CEDAW واسطي گهٽ ۾ گهٽ به سئو اهڃاڻن جي ڏس ۾ پهل وندي جيڪا انتهائي سخت ۽ جامع رپورٽ هئي جيڪا فيبروري 2017 ۾ داخل ڪئي وئي ۽ سيپٽمبر 2017 ۾ متوقع هئڻ جي باوجود اجان تائين ان ڏس ۾ ڪابه راءِ يا ورندي نه ڏني وئي آهي جيڪا ان ۾ اُٿاريل نڪتن/ڳڻتين کي مخاطب ڪندي ڪجي. هُن اِهو به ونديو ته کهڙي ريت کاتي کي غلط رپورٽ پيش ڪرڻ لاءِ همٿايو ويندو هو چاڪاڻ جو هر ڇهين مهيني، پنجاب سيڙپڪاري ۽ واپار واري بورڊ کي GSP پلس بابت رپورٽ ڏيڻي هئي ۽ ٽيم کي انتي ”هلڪو“

هٽ رکڻ لاءِ چيو ٿي ويو. عورتن جي مامري تي انگ اکر انهيءَ درخواست کان اڳ سهيڙيا ويا هئا ۽ اِهي انگ اکر رپورٽ جي حصي طور ونڊڻ کان جهليو ويو. کاتي جي وٺين/خامين يا مامرن ۾ ڪا دلچسپي نہ هئي بس رڳو شهباز شريف جي عورتن کي بااختيار بنائڻ وارن پيڪيجن، عورتن جي ڀلائي واري کاتي ۽ عورتن جي حيثيت واري ڪميشن جي حاصلاتن کي آڏو آڻڻ جي پتوڙ هئي جيڪي مخصوص ۽ محدود رپورٽنگ جي نتيجي ۾ سامهون ٿي آيون.

انساني حقن جي ترويج ۾ سرڪاري ادارن ۽ سياسي پارٽين جي عدم دلچسپي ۽ سياسي عزم جي اڻهوند چٽي پٽي ريت سامهون ٿي آئي، ڪراچي مشاورت دوران، هڪ شريڪ ڪار سرڪاري کاتي کي پنهنجو ڪم SDGs سان سلهاڙڻ کي همٿائڻ بابت پنهنجا تجربا ونڊيا. جيتوڻيڪ سنڌ حڪومت وٽ ان جي پنيرائي لاءِ هڪ يونٽ پڻ آهي پر ڪاتا نتيجا ڏيڻ ۾ ناڪام رهيا آهن. شريڪ ٿيندڙ ونديو تہ هڪ سرڪاري کاتي محسوس ٿي ڪيو تہ مٿن ”اضافي بار“ وڌو ويو آهي ۽ جيئن تہ عملدارن وٽ اضافي ذميواريون سنڀالڻ لاءِ وقت نہ هو، انڪري سول سوسائٽيءَ جي عيوضيءَ وٽان پنهنجي ڊانچي ۾ SDGs کي ڳنڍڻ بابت سونهون ونڊڻ جي توقع رکي وئي. بهرصورت، سندن مدد ڪرڻ ڪانپوءِ بہ ڪيس پتو نہ هو تہ اِهي ضابطا لاڳو بہ ٿي سگهندا يا نہ ۽ عام شهرين کي ڄاڻ تائين ڪابہ رسائي حاصل نہ ٿي سگهي جنهن جي آڌار تي سندن پڇاڻو ڪري سگهجي.

ڪراچيءَ ۾ ماهرن 13 جولاءِ 2019 تي عالمي بينڪ گروپ جي اُن تازي ترين فيصلي کي پڻ واضع ڪيو جنهن ٽيٿيان ڪاپر ڪمپني (TCC) طرفان داخل ڪيل هڪ ڪيس ۾ پاڪستان خلاف 4.08 ارب ڊالرن جي ڏنڊ ۽ 1.87 ارب ڊالرن جي وياج جي راهہ هموار ڪئي. ڪمپنيءَ صوبائي حڪومت طرفان پنهنجي ليز واري درخواست رد ٿيڻ تي 11.43 ارب ڊالرن جي هرجاڻي جي دعوا ڪئي هئي. ڪمپنيءَ جو چوڻ هو تہ اُن 2011 ۾ پاڪستان حڪومت طرفان کين کاٽين ۾ کوٽائي جي ليز ڏيڻ کان غير متوقع انڪار تائين 220 ملين ڊالرن کان وڌيڪ جي سيڙپ ڪئي هئي.[11] رياستي بدعنواني ۽ نااهليت کي واضع ڪرڻ لاءِ ريڪو ڊيڪ جهڙا مامرا پڻ بحث هيٺ آندا ويا جيڪي اسانجي مالي وسيلن جي تباهي ۽ عالمي ساک جهورڻ جو سبب بڻيا آهن.

شريڪ ٿيندڙ رياستي ۽ غير رياستي عنصرن طرفان عوامي/سرڪاري دستاويزن تائين رسائي ۽ ڄاڻ جي نہ هئڻ جيتري فراهميءَ جي اڻهوند تي اچرج جو شڪار هئا. ڄاڻ جي حق جي سڌي سنئين پيچڪڙي جيڪا صوبائي ايڪٽن جي صورت ۾ سامهون آئي آهي کي واضع ڪيو ويو. سنڌ جي وڏي وزير گذريل مالي سال ۾ سنڌ انفارميشن ڪميشن لاءِ ساڍا پنج ڪروڙ رپيا منظور ڪيا پر هڪ سال جو عرصو گذرڻ جي باوجود ڪميشن لاءِ مناسب وسيلا ۽ عملو دستياب ٿي نہ سگهيو آهي. ساڳي ريت، واسطيدارن کي بنيادي ايياس تائين رسائي آڇڻ ڪانسواءِ ڪيرٿر نيشنل پارڪ تي قبضي کي بہ نہ رڳو عالمي ماحولياتي معيارن جي پيچڪڙي پر ڄاڻ جي حق بابت ايڪٽ جي پڻ خلاف ورزي ليکيو ويو.[12]

ڪيترن ئي شريڪ ٿيندڙن محسوس ڪيو تہ سياسي پارٽيون ۽ رياستي ادارا وفاقي ۽ صوبائي سطح تي شفافيت ۽ پڇاڻي کان ڪن ٽار ڪرڻ واسطي ڄاڻ جي آزاديءَ تي اثرائتي عمل درآمد جي پنيرائي نٿا ڪن. عالمي برادريءَ آڏو رڳو ”مثبت ۽ خوشگوار“ خاڪا ئي پيش ڪيا ٿا وڃن، جهڙوڪ مارچ 2018 ۾ سينيٽ جي چونڊن دوران ڪرشنا ڪماريءَ جي نامزدگي. جيئن تہ هوءَ ان عهدي تي پهچندڙ پهرين هندو دلت عورت ۽ ٻي هندو عورت آهي انڪري پارٽيون زوري مذهب مٽائڻ ۽ زوري ڪنيڻ وارن واقعن کي نظرانداز ڪندي انڪي هرڪنهن کي سموئڻ، سهپ ۽ ڪثيرالجهتي جي اظهار طور استعمال ڪري رهيون آهن.

جهڙي ريت ضميمو الف: پاڪستان جون عالمي ذميواريون ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ پاڪستان هينئين اهم انساني حقن جي اصولن جي ”پنيرائي“ ڪرڻ بدران انهن کي ”نوٽ“ ڪرڻ جو دڳ اختيار ڪيو آهي:

(11) https://www.dawn.com/news/1508341
(12) https://shehri.org/kirthar-national-park.html

- انساني حقن جون ڀڃڪڙيون ۽ ڏاڍايون ڪندڙ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي جانچ ۽ سندن خلاف عدالتي ڪاروائي جي رپورٽنگ.
- عورتن ۽ ڇوڪرين ۽ نسلي ۽ مذهبي اقليتن سميت جوکم جي شڪار گروپن خلاف مت ڀيد وارن قانونن ۾ ترميمون ڪرڻ.
- ٻارن جي حقن ڪي خاص طور تي دهشت گردي ٽوڙ ڪارواين دوران، تحفظ فراهم ڪرڻ، موت جي سزا ۽ نابالغن ڪي موت جي سزا ڏيڻ کان پاسيرو ٿيڻ.
- توهين رسالت واري قانونسازي جي غلط استعمال ۽ مذهبي اقليتن خلاف تشدد جي استعمال ڪي روڪڻ واسطي ڪارائتا اُپاءُ اختيار ڪرڻ.

اسٽيبلشمنٽ، سياسي پارٽين ۽ هٿياربند فوجن هٿان طاقت/اختيارن جي انهيءَ سوچيل سمجهيل غلط استعمال واسطيدارن لاءِ رپورٽنگ ڪرڻ ۾ للڪارون پيدا ڪرڻ ۽ آزادين ڪي نپوڙڻ ۽ زوري ڪنيڻ سميت انساني حقن جي انيڪ ڀڃڪڙين جي راهه هموار ڪئي آهي.

## 3.6 گلگت بلتستان جي حيثيت

جيئن ته گلگت بلتستان جي آئيني حيثيت وارو مامرو ڪشمير تڪرار جي نبيري سان ڳنڍيو ويو آهي، علائقي واسي هر انهيءَ حق کان بہ محروم آهن جيڪي پاڪسان جي هر شهريءَ ڪي حاصل آهن. جيتوڻيڪ حڪومت طرفان خودانتظامي ضابطا 2009 ۽ 2018 تحت عوامي مامرن ڪي مخاطب ڪرڻ لاءِ ڪي اُپاءُ ڪيا ويا آهن پر اِهي انساني حقن جون ذميواريون پوريون ڪرڻ کان گهٽ آهن.

جنوري 2019 ۾، سپريم ڪورٽ پاڪستان گلگت بلتستان جي آئيني حيثيت ۽ انجي شهرين ڪي بنيادي حقن جي فراهميءَ جي ڏس ۾ هڪ لکت وارو حڪم نامون جاري ڪندي امر ڪيو ته ملڪ جي سڀ کان مٿاهين ڪورٽ جا اختيار خطي تي پڻ لاڳو ٿين ٿا. لکت واري حڪم نامي اِهو پڻ چِٽايو ته 1973 واري آئين جو ڪوبہ حصو مناسب قانونسازيءَ کانسواءِ ختم يا ترميم ڪري نٿو سگهجي.[13]

گلگت بلتستان ۾ مشاورت دوران، شريڪ ٿيندرن وفاقي حڪومت طرفان پاليسيون جوڙڻ مهل گلگت بلتستان جي رهواسين جي مطالبن ڪي آڏو رکڻ جي ضرورت تي زور ڀريو. اهڙا ڪيترائي مطالبا آهن جيڪي رياست صورتحال ڪي هٿ وس رکڻ واسطي پورا ڪري سگهي ٿي جهڙوڪ گلگت بلتستان اسيمبليءَ ڪي بااختيار بنائڻ ۽ سياسي ڪارڪنن ڪي آزاداڻي طور تي ڪم ڪار ڪرڻ جي آزادي ڏيڻ. گلگت بلتستان جي بنيادي حقن جي ڀڃڪڙي ڪئي وئي آهي، زوري ڪنيڻ ۽ تشدد جي واقعن ڪي وائکو ڪيو ويو. هڪ شريڪ ڪار ونديو تہ ڪهڙي ريت هو محسوس ٿا ڪن ته ڪشمير واسي ڪانئن ”بهتر“ آهن ڇاڪاڻ جو وٽن پنهنجي شهرين جي حفاظت ۽ قانون لاڳو ڪرائڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اسيمبلي ۽ آئيني عمل تہ آهن. گلگت بلتستان جو ڪنهن سڃاڻپ ۽ آزاديءَ کانسواءِ وجود ئي پنهنجي سر ڀڃڪڙي آهي. اِها پاڪستان حڪومت جي ذميواري آهي ته گلگت بلتستان جي شهرين جو تحفظ ڪيو وڃي ۽ ڪين اهڙي خطي وارا سمورا حق فراهم ڪيا وڃن جيڪو آزاداڻي حيثيت نٿو رکي ۽ ان ڪي اهڙن ئي ضابطن قانونن تحت هلايو وڃي جهڙي ريت هو پنهنجي علائقن ۾ ڪن ٿا. گلگت بلتستان لاءِ ڪوبہ آئيني تحفظ ناهي ۽ ايگزيڪيٽو اختيار ڪيڏي بہ مهل ڪوبہ ضابطو/قاعدو ختم ڪري سگهي ٿي.

ٻئي پاسي، علائقي جا وسيلا گلگت بلتستان ڪي ڪو لاڀ رسائڻ کانسواءِ استعمال ڪيا پيا وڃن، جو ٻين صوبن ۾ لاڳو وهنوار جي ٻنهه ابتڙ آهي. اِهو الزام مڙهيو ٿو وڃي تہ ڪيترين ئي پرڏيهي ڪمپنيون بدعنوان

(13) https://www.dawn.com/news/1458109/top-courts-powers-extended-to-gilgit-baltistan-rules-supreme-court

عملدارن جي پنيرائي سان کين مليل اجازت کان وڌيڪ وسيلن جي ڦرلٽ ۾ ملوث آهن جيڪو عمل مقامي معيشت لاءِ سخت هاڃيڪار آهي. ڪنهن اثرائتي باضابطي رياست جي اڻهوند ۽ ست پري افرادي قوت ڪي وڏائڻ ويجهائڻ جي ڊگهي عرصي جي حڪمت عملي نہ هئڻ سبب گلگت بلتستان جي وسيلن جي استحصال ۾ واڌ آئي آهي. ڪاٽين جي چيني ڪمپنين طرفان وفاقي يا مقامي حڪومت جي ڪنهن پابندي يا ضابطي ڪانسواءِ بي روڪ ٽوڪ معدنيات ۽ زمين حاصل ڪرڻ واري عمل کي پڻ مقامي ماڻهن طرفان چڱي نظر سان نٿو ڏٺو وڃي.[14]

گلگت بلتستان طور سڏجندڙ نام نهاد حڪومتي ادارو صرف ڇهن ڄڻن تي ٻڌل آهي جڏهن تہ انجو ستون ميمبر وزيراعظم پاڻ آهي. گورنر پڻ انهن اختياريءَ وارن جو ”چونڊيل“ هجي ٿو. شريڪ ٿيندڙ شڪائت ڪئي تہ محصول پيدا ڪندڙ سمورا وسيلا ڪائونسل جي حوالي ڪيا ويا آهن ۽ اِهو ڪنهن ”بينڪيتي انتظام“ وانگر محسوس ٿئي ٿو.

گلگت بلتستان جي حيثيت شهري ۽ سياسي حقن جي عالمي عهدنامي، گڏيل قومن جي انساني حقن واري پڌرنامي ۽ عالمي روائتي قانونن جي پيچڪڙي آهي جڏهن تہ آزاد ضابطي وار ادارن جي اڻهوند انساني حقن جي وڌيڪ پيچڪڙين جي راهہ ٿا هموار ڪن. سڌسماءُ جا ادارا انهن پيچڪڙين تائين رسائي نٿا رکن ۽ متاثر ٿيلن جي دادرسيءَ لاءِ انساني حقن جو ڪو ڪميشن بہ موجود ناهي. نيب طرفان گلگت بلتستان ۾ خاص تعليمي مرڪز حاصل ڪرڻ وارو مامرو پڻ سڌ سماءُ جي ذريعن ۾ جوڳي جاءِ ماڻي نہ سگهيو. حڪومت طرفان هڪ سرڪاري ميڊيڪل ڪاليج کي زمين ڏيڻ واري مامري تي هڪ سوشل ميڊيا مهم هلائي وئي.[15]

انڪري، ادارن کي ضابطي هيٺ آڻڻ واري اختياري ۽ قانونسازيءَ واري ڍانچي جي اڻهوند سبب جوکم جي شڪار گروپن جي حقن سان لاڳاپيل موجود ايڪٽ دونهاتجي ٿا وڃن. صورتحال اِها آهي جو عورتن جي حقن لاءِ قائم عورتن جي ترقيءَ وارو کاتو پاليسن تي سگهارو عمل درآمد ڪرائڻ بدران عورتن کي گهرن ۾ واڙڻ واسطي ”رڌپچاءُ جا ڪلاس“ ٿو منظم ڪري. ايستائين جو CEDAW جون پيچڪڙيون بہ عام جام آهن ڇاڪاڻ جو عورتن کي هيسائڻ خلاف ڪو تحفظ ناهي ۽ ملڪيت جا حق نہ هئڻ کي وڏي پئماني تي معاشري ۾ قبول ڪيو ٿو وڃي. هنزه وارو خطو پنهنجي روائتي قانون موجب عورتن کي ملڪيت جي مالڪي رکڻ کان جهلي ٿو. بيبي ستارا جو ڪيس بحث هيٺ آيو جنهن ۾ بينچ عورتن جي وراثتي حصي کي قانوني حيثيت ڏني پر اِهو بہ فقط امير هنزه جي وصيت ۽ اختيار سبب ٿي سگهيو.[16]

انجي آڌار تي گلگت بلتستان ۽ هنزه/اسماعيلي برادريءَ جي نبيريءَ واري وهنوار ۾ فرق کي پڻ واضع ڪيو ويو. جڏهن بہ ڪو اسماعيلي ڪورٽ سان رجوع ٿو ڪري تہ ڪيس پنهنجي نبيري واري ڪائونسل سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ لاءِ چيو ٿو وڃي. شريڪ ٿيندڙن ونديو تہ انهن ادارن ۽ جرڳن جي ڪردار ۾ ڪو ڦير فرق ناهي ۽ متاثر ٿيل انهن ادارن جي ڪيل فيصلن مان مطمئن نٿا ٿين. عمومي تصور ۽ تحقيقي اپياسن موجب، هنزه سئو سيڪڙو تعليمي شرح سان هڪ پرامن علائقو آهي جنهن ۾ ڏوهہ بنهہ ناهن پر انجو اهم سبب گهٽ آبادي ۽ مجموعي طور تي رپورٽنگ جي اڻهوند آهي. هڪ خاتون شريڪ ٿيندڙ ڏکياري ٿيندي چيو تہ نمبر نظام وارو سرشتو اجان تائين رائج آهي جنهن ۾ حاضر عهديدار ”منهنجي لباس کانوني منهنجي سگابنديءَ“ تائين سمورا فيصلا ٿو ڪري.

ٻئي پاسي، غير سرڪاري تنظيمن ۽ سول سوسائٽيءَ جا ڪارڪن انساني حقن وارين ذميوارين کي متاهون رکڻ وارن وهنوارن جي ڄاڻ کان عمومي طور تي اڻڄاڻ آهن. ۽ ايستائين جو جن وٽ مهم سازي/وڪالت جي صلاحيت آهي تنکي بہ انکان جهليو ٿو وڃي. سول سوسائٽيءَ جي ميمبرن لاءِ گهٽجندڙ گنجائش/وٿيءَ وارو مامرو

(14) https://www.business-standard.com/article/news-ani/pok-people-protest-in-gilgit-baltistan-pak-dicision-to-lease-land-to-china-119092200699_1.html
(15) https://www.aninews.in/news/world/asia/parents-riked-as-nab-occupies-special-education-centre-in-gilgit-baltistan20190707094134/
(16) https://www.tandfonline.com/doi/full/10.1080/27329113.2013.781447

گلگت بلتستان ۾ گهڻو چوٽ چڙهيل آهي. شريڪ ڪار ونديو تہ سنگي فائونڊيشن مقامي ماڻهن لاءِ آئيني مراعتون حاصل ڪرڻ واسطي گلگت بلتسان ۾ ڪم ڪري رهي هئي ۽ ڪين پنهنجو ڪم بند ڪرڻ لاءِ چيو ويو. 2009 ۾ سندن جاري ڪيل آخري رپورٽ کان پوءِ گلگت بلتستان جي مامرن کي ڪا پذيرائي نہ ملي آهي. اِهو ڄاڻايو ويو تہ ڊجيٽل انساني حقن جي سرگرم ڪارڪن نگهت داد کي سول سوسائٽيءَ سان هڪ مڪالمي ۾ شريڪ ٿيڻو هو پر کيس اسلام آباد ايئرپورٽ تي لهڻ شرط واپس موٽايو ويو. مقامي ماڻهن کي انساني حقن جي ڀڃڪڙين بابت رپورٽ ڪرڻ تي "گلگت بلتستان ۾ دهشت گرد ٿوڙ ايڪٽ جي شيڊول IV" کي استعمال ڪندي سزائون ڏنيون ويون آهن. انهيءَ ايڪٽ کي استعمال ڪندي ۽ الزام ڏرڻ ذريعي، سول سوسائٽيءَ کي گلگت بلتستان ۾ انساني حقن جي ابتر ٿيندڙ صورتحال تي ڪو احتجاج ڪرڻ يا ان ڏس ۾ ڪو مشاهدو ونڊڻ کان روڪيو ٿو وڃي. انهن حڪمن کي سپريم ڪورٽ يا چيف ڪورٽ ۾ چيلينج نٿو ڪري سگهجي. ڪورٽن وٽ پنيرائي لاءِ ڪي بہ وسيلا ناهن يا اِهي رياستي ۽ غير رياستي عنصرن جي اختيارن آڏو بيوس آهن. هڪ شريڪ ڪار ذاتي تجربو ونڊيو جنهن ۾ ڪيس گهرو ڪاتي طرفان اُماٽيل هڪ دستاويز تي صحيح ڪرٽي هئي جنهن موجب مٿس ڪوبہ رياست دشمن مواد ونڊڻ يا ان بابت پنهنجي راءِ ڏيڻ کان جهل ٿيل هئي، اِهو مامرو گلگت بلتستان جي چيف ڪورٽ ۾ شيڊول IV خلاف هڪ پٽيشن داخل ڪرڻ کانپوءِ پيش آيو.

ايڇ آر سي پيءَ موجب، گلگت بلتستان اختيارين طرفان خاص طور تي نوجوان سرگرم ڪارڪنن خلاف پاڪستان جي دهشتگردي ٿوڙ ايڪٽ، 1997جو "وڏي پئماني تي ناجائز استعمال" ڪيو ٿو وڃي. (17)

سول سوسائٽي گروپن ۽ سياسي ڪارڪنن ايڇ آر سي پيءَ کي ڊسمبر 2014 ۾ دهشتگردي ۽ انتها پسنديءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڪستان جي قومي عملي منصوبي (INAP) کانپوءِ ان ايڪٽ جي بيجا استعمال بابت ٻڌايو. ايڇ آر سي پيءَ پروڙيو تہ گلگت بلتستان ۾ انهيءَ ايڪٽ تحت "سوين فردن" کي قيد ۾ واڙيو ويو آهي ۽ انکي "ماڻهن جي حقن" سان لاڳاپيل مامرا اُٿاريندڙ مقامي ماڻهن خلاف استعمال ڪيو ويو آهي.

(17) HRCP, "Gilgit-Baltistan: Aspirations of identity, integration and autonomy", p.18.

# 4. انساني حقن تي عمل درآمد ڪرڻ کي سگهارو بنائڻ واسطي سفارشون

## 4.1 واسطيدارن کي حساس بنائڻ ۽ صلاحيتون/گنجائش وڌائڻ

اسين انساني حقن تي آڏاريل نصاب ذريعي ماڻهن جي حساس بڻجڻ تائين حالتن کي بهتر نٿا بڻائي سگهون. ڪوئيٽا مشاورت ۾ هڪ شريڪ ڪار، 2019

انساني حقن جي ڄاڻ ۾ وڌيون گهٽائڻ ۾ واسطيدارن خاص طور تي وڪيلن، سول سوسائٽي ۽ سڌ سماءُ جي صلاحيتن ۾ واڌ آڻڻ لاءِ انساني حقن ڏانهن حساس بڻجڻ جون اڻٽڪ ڪوششون گهربل آهن. عورتن، ٻارن ۽ اقليتن جهڙن جوکم جي شڪار گروپن خلاف پڇڪڙيون گهٽائڻ لاءِ اُستادن جي تربيت ۽ تعليمي ادارن جي صلاحيت وڌائڻ اهم آهي. آڳاٽي ڄمار ۾ ئي زندگي گهارڻ جي هنرن تي ٻڌل تعليم (LSBE) کي شامل ڪرڻ جي پڻ سفارش ڪئي وئي. رياست کي تعليم کاتي، حساس اُستادن ۽ شاگردن تائين رسڻ واسطي پارليامنٽ جي ميمبرن ۽ ٻين سرڪاري عهدا رکندڙ فردن جي صلاحيتن کي وڌائڻ جي ذميواري کڻڻي پوندي.

هن نوعيت جا مشاورتي اجلاس وڌيڪ معمول سان ٿيڻ گهرجن ته جيئن ماڻهو پنهنجي حقن ۽ انهن جو بچاءُ ڪرڻ واسطي ميسر وهنوار ڄاڻڻ بابت سجاڳي حاصل ڪري سگهن. گلگت بلتستان مشاورت ۾ هڪ شريڪ ڪار، 2019

## 4.2 SDGs ۽ انساني حقن کي مقامي رنگ ڏيڻ

پارليامنٽ جا ميمبر ڪڏهن به سماجي ماهرن تي بحث نٿا ڪن، ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ اجرت ڪان به گهٽ تي ڪم ڪار پيا ڪن ۽ سياسي پارٽين هنن لاءِ ڪجهه ڪرڻ بدران رڳو شڪائتون ڪرڻ جو ئي دڳ اختيار ڪيو آهي. لاهور مشاورت ۾ هڪ شريڪ ڪار، 2019

عالمي ذميوارين کي مقامي قانونن ۾ تبديل ڪرڻ جي عزم واري رياستي ۽ غير رياستي عنصرن وچ ۾ توازن انساني حق ماڻڻ واسطي سڀ ڪان وڌيڪ ڪارائتو دڳ ثابت ٿيو آهي. لاهور ۾ مشاورت دوران سروپ اعجاز سپريم ڪورٽ جي هڪ ڪاميابيءَ کي واضع ڪيو جنهن ۾ ان پشاور گرجا گهر تي بم ڌماڪي بابت پنهنجي ازخود نوٽيس ڪيس ۾ فيصلو ڏيندي وفاقي حڪومت کي اقليتي حقن واسطي هڪ قومي ڪائونسل جوڙڻ لاءِ چيو. ”ان ڪائونسل جو ڪم آئين ۽ قانون تحت اقليتن کي فراهم ڪيل حقن ۽ تحفظن جي عملي حصول جي نگراني ڪرڻ هئڻ گهرجي. ڪائونسل کي صوبائي ۽ وفاقي حڪومتن طرفان اقليتي حقن جي تحفظ واسطي پاليسي سفارشون جوڙڻ جو پڻ اختيار هئڻ گهرجي. چيف جسٽس تصدق حسين جيلانيءَ جي لکيل 32 صفحن واري فيصلي ۾ چيل هو.[18] اقليتي حقن جي ڏس ۾ انهيءَ ڏسا متعين ڪندڙ فيصلي ۾ سپريم ڪورٽ حڪومت کي اقليتن جي عبادتگاهن جي حفاظت لاءِ هڪ خاص ٽاسڪ فورس قائم ڪرڻ لاءِ پڻ چيو. اهڙين پهل ڪارين کي سامهون آڻڻ جي ضرورت آهي ۽ عالمي قانونن کي مقامي روپ ڏيندي ۽ SDGs 2030 ايجنڊا طرفان متعين ڪيل هدفن کي مقامي رنگ ڏيندي انساني حقن جي ذميوارين واري حيثيت ۾ وڏي شاهي بهتري حاصل ڪري سگهجي ٿي، جهڙي ريت مڪاني حڪومتن جي ايسوسيئشن جي گڏيل شهرن (UCLGA) طرفان به رٿيو ويو آهي. [19]

## 4.3 ناهن جي جائزي/نگراني وارن ادارن کي بااختيار بنائڻ

(18) https://tribune.com.pk/story/724188/sc-asks-govt-to-form-a-national-council-for-minorities-rights/?amp=1
(19) https://www.uclg.org/sites/default/files/towards_the_localization_of_the_sdgs_0.pdf

نيپال ۽ سريلنڪا جهڙين رياستن جي پوئواري ڪري سگهجي ٿي جتي ناهن جي جائزي/نگراني وارن ادارن کي قائم ڪرڻ ڪانپوءِ، اتان جي قانونسازيءَ وارن ڍانچن انهن کي آزاداڻي طور تي ڪم ڪار ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو. لاهور مشاورت ۾ هڪ شريڪ ڪار، 2019

ناهن جي جائزي/نگراني وارن ادارن جي اثرائتي انداز ۾ ڪم ڪري سگهڻ واسطي انهن ادارن کي رياستي ادارن کان ڌار ڪرڻ لاءِ قانونسازي ۽ پاليسي سازيءَ جي ضرورت آهي. يورپي يونين رپورٽ وفاقي ۽ صوبائي سطح تي ناهن تي عمل درآمد جي سيلن جي قيام کي هڪ مثبت عمل طور نوٽ ڪيو آهي پر مالي ۽ اختيارن واري خودمختياريءَ ڪانسواءِ اِهي ادارا رڳو ڪاغذن تي ئي مثبت عمل هوندا.

## 4.4 واسطيدارن طرفان گڏيل تحريڪ ۽ لابنگ

انساني حقن جي ذميوارين جي پورائي لاءِ گڏيل تحريڪ ذريعي پنهنجا مطالبا پيش ڪرڻ واسطي ايچ آر سي پي ۽ عورت فائونڊيشن جهڙين وڏيڪ تنظيمن کي لابي/مهم سازي ڪرڻ جي ضرورت آهي. معذوري وارن فردن جي حقن جي ڏس ۾ گلگت بلتستان سان تعلق رکندڙ هڪ شريڪ ڪار جو ونديل واقعو هڪ حاصلات آهي جيڪا يونين سازي ۽ سول سوسائٽيءَ جي گڏيل ڪاوشن ذريعي حاصل ٿي. سماجي ڀلائيءَ واري کاتي سان ڪم ڪندي، گلگت بلتستان ۾ معذوريءَ وارن فردن واسطي نوڪرين جي ڪوٽا ۾ واڌ ڪئي وئي جتي اڳ ۾ هڪ غير عملي ڪميٽي موجود هئي. هڪ ٻئي شريڪ ڪار اسڪردو ۾ ونيءَ جي واقعن ۾ ٿيندڙ واڌ دوران هڪ جرڳي ۾ ملوث ٻارهن ڄڻن جي گرفتاريءَ کي واضع ڪيو جنهن ۾ هڪ پوليس عملدار کي پڻ پنهنجي فرضن جي ادائيگيءَ ۾ ناڪام ٿيڻ تي معطل ڪيو ويو.

پاڪستان ۾ هندو آباديءَ جي اڪثريت واري ٿاڪ سنڌ، سنڌ هندو ميريج بل ذريعي هندن ۽ ٻين غير مسلمانن جي شادين جي رجسٽريشن لاءِ قانونسازي ڪندڙ پهريون صوبو بڻي، اڳتي هلي انکي سنڌ هندو ميريج رجسٽريشن ايڪٽ 2016 بڻايو ويو. (20) اِهو ايڪٽ ايچ آر سي پيءَ جهڙين سول سوسائٽي تنظيمن جي سهڪار ۽ پيروڪاريءَ سبب ئي ممڪن بڻجي سگهيو.

## 4.5 عالمي وهنوارن سان تعلق وڌائڻ

رياستي عنصر عالمي فورمن ۾ شرڪت ڪندي چٽو پٽو ڪوڙ ٿا ڳالهائين. انساني حقن جي ڪارڪنن کي اغوا ڪيو ۽ حراست ۾ ورتو ٿو وڃي. اسين پوليس/فاشي رياست پيا بڻجون. ڪوئيٽا مشاورت ۾ هڪ شريڪ ڪار.

اِهو نوٽ ڪرڻ ضروري آهي ته جيتوڻيڪ، رياستي مشينري انساني حقن خاص طور تي اقليتن ۽ عورتن جي صورتحال ڍڪڻ لاءِ پنهنجي حيثيت جو استعمال ڪري ٿي پر ان هوندي به پاڪستان کي عالمي دٻاءُ تحت قانون پڻ جوڙڻا پيا آهن. ٻارن جي وهان وارو ايڪٽ ۽ عورتن جي حقن سان لاڳاپيل بيا ايڪٽ بنيادي طور تي عالمي دٻاءُ جو ئي نتيجو آهن. بهرحال، رياست طرفان غلط رپورٽنگ ۽ سول سوسائٽيءَ جي عالمي وهنوارن سان گهٽ ڳانڍاپي سبب عالمي وهنوار پاڪستان ۾ انساني حقن جو تحفظ ڪرڻ کان قاصر آهن. انڪري، ماڻهن کي پنهنجون متبادل رپورٽون داخل ڪرڻ يا گهٽ ۾ گهٽ عمل ۾ شريڪ تنظيمن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ لاءِ همٿايو ٿو وڃي. انهن مشاورتن دوران ڪيترن ئي شريڪ ڪارن انهيءَ ڳانڍاپي جي اهميت جو ادراڪ ڪندي حقن تي آڌاريل مختلف تنظيمن جي سرگرمين جي رپورٽنگ ۾ هٿ ونڊائڻ لاءِ رضاڪاراڻيون آڇون ڪيون. جيڪڏهن سڌو سنئون نه سهي ته به ماڻهو ايچ آر سي پيءَ جهڙين ٿياڪڙ تنظيمن وسيلي عالمي فورمن سان لهه وچڙ ۾ اچي سگهن ٿا.

(20) https://www.pas.gov.pk/uploads/acts/Sindh%20Act%20No.IX%20of%2016.pdf

## مشاورتن جو وچوڙ
## پاڪستان جون عالمي قانوني ذميواريون

| تاريخ | ماڳ | تربيت ڏيندڙ |
|---|---|---|
| 16 جولاءِ 2019 | آواري هوٽل، لاهور | سروپ اعجاز صاحب |
| 13 آگسٽ 2019 | سيرينا هوٽل، ڪوئيٽا | مس عاليا خان |
| 19 آگسٽ 2019 | ريجنٽ پلازه هوٽل، ڪراچي | مس ساره ملڪاڻي |
| 19 سيپٽمبر 2019 | اسلام آباد هوٽل، اسلام آباد | ڪامران عارف صاحب |
| 20 سيپٽمبر 2019 | شيلٽنس ريزيڊور، پشاور | ڪامران عارف صاحب |
| 23 سيپٽمبر 2019 | سيرينا هوٽل، گلگت | اسد جمال صاحب |

| پاڪستان واسطي UPR سفارشون: عالمي وهنوار ۽ ٺاهه | | |
|---|---|---|
| **سفارشون** | **حيثيت** | **معاملو** |
| 152.1 انساني حقن بابت پروٽوڪول ۽ عالمي عهدنامي جي توثيق ڪئي وڃي تہ جيئن ماڻهو پنهنجا سمورا حق ماڻي سگهن. | نوٽ ڪيل | • عالمي وهنوار |
| پنهنجي قومي قانون کي ذمي ڪنيل عالمي ذميوارين سان نهڪايو وڃي | پنيرائي ڪيل | • عمومي |
| 152.38 انهن انساني حقن جي ذميوارين جي شقن کي مقامي رنگ ڏيڻ جو عمل تيز ڪيو وڃي جن ۾ ڌر بڻيل آهي | پنيرائي ڪيل | • عالمي وهنوار |
| 152.39 پنهنجي عالمي انساني حقن جي ذميوارين سان نهڪاءُ ۾ آڻڻ واسطي قومي قانونن جي جائزي جو لاڳيتو عمل | پنيرائي ڪيل | • عمومي |
| 152.45 عالمي انساني حقن جي معيارن سان نهڪاءُ ۾ انساني حقن جي قومي ڪميشن ۽ انساني حقن واري وزارت جي ڪردار ۽ اثر کي سگهارو بنائڻ | پنيرائي ڪيل | • انساني حقن جو قومي ادارو |
| 152.139 فوجي ڪورٽن کي عام شهرين جا ڪيس هلائڻ کان جهليو وڃي ۽ انهن جي عالمي مبصرن ۽ انساني حقن جي تنظيمن ذريعي نگرانيءَ جي اجازت ڏني وڃي | نوٽ ڪيل | • انصاف |
| 152.150 هتڪ ۽ توهينِ رسالت واري قومي قانونسازيءَ ۾ عالمي انساني حقن جي قانون سان نهڪاءُ ۾ ترميم ڪئي وڃي | نوٽ ڪيل | • راءِ ۽ اظهار جي آزادي<br>• مذهب ۽ عقيدي جي آزادي |
| انهن ٻين عالمي انساني حقن جي وهنوارن جي توثيق ڪرڻ تي ويچاريو وڃي، جن ۾ اڃان ڌر بڻيل ناهي | نوٽ ڪيل | • عالمي وهنوار |
| عالمي انساني حقن وارين ذميوارين جي سلسلي وار شموليت ۽ سمورين حڪومتي سطحن تي انهن جي عمل درآمد جي خاطريءَ واسطي سمورن واسطيدار قانونسازين ۽ وهنوارن جو جائزو | پنيرائي ڪيل | • عالمي وهنوار |
| قومي قانونسازيءَ کي توثيق ڪيل عالمي انساني حقن جي ٺاهن سان نهڪاءُ ۾ آندو وڃي | پنيرائي ڪيل | • عالمي وهنوار |
| پنهنجي قانونسازيءَ واري مقامي ڍانچي ۾ هم آهنگي آڻڻ تي لاڳيتو ڪم ڪرڻ، جن سان لاڳاپيل عالمي انساني حقن جي وهنوارن ۾ ڌر آهي | پنيرائي ڪيل | • عالمي وهنوار |
| آئيني شقن سميت، انساني حقن جي شعبي ۾ قومي قانوني شقن کي عالمي معيارن سان نهڪاءُ ۾ آڻڻ | پنيرائي ڪيل | • عمومي |
| تسليم ڪيل يا توثيق ڪيل عالمي انساني حقن جي ٺاهن سان مطابقت ۾ اچڻ لاءِ پنهنجي قومي صلاحيتن/گنجائش جي لاڳيتو ڪٿ ڪرڻ | پنيرائي ڪيل | • عالمي وهنوار |
| پاڪستان جي توثيق ڪيل عالمي انساني حقن جي وهنوارن جي عمل درآمد تي ڌيان ڏريو وڃي | پنيرائي ڪيل | • عالمي وهنوار |
| انساني حقن واري شعبي ۾ عالمي سهڪار کي وڌائڻ ۽ سگهارو بنائڻ واري پنهنجي پاليسي برقرار رکڻ | پنيرائي ڪيل | • ٻيو |

| | | |
|---|---|---|
| فاتا ۾ عالمي انساني حقن واريون ذميواريون لاڳو ڪيون وڃن ۽ اهڙين نظربندين ڪان پاسو ڪيو وڃي جيڪي جوڳي وهنوار وارن عالمي معيارن سان ٽڪراءُ ۾ آهن | پنيرائي ڪيل | • نظربندي<br>• عالمي وهنوار |
| دهشتگرديءَ خلاف ويڙهه ۾ عالمي انساني ڀلائي وارن قانونن ۽ عالمي پناهگير قانونن ۽ انساني حقن جي قانونن جي سختيءَ سان پيروي ڪرڻ | پنيرائي ڪيل | • پناهه وٺندڙ-پناهگير<br>• عالمي انساني قانون<br>• عالمي وهنوار<br>• دهشتگردي توڙ |
| انساني حقن جي تحفظ ۽ ترويج جو أهو دڳ اختيار ڪيو وڃي جنهن کي عالمي برادري خاص طور تي انساني حقن واري ڪائونسل همٿائي | پنيرائي ڪيل | • عمومي |
| پنهنجي ٺاهن بابت ذميوارين جي پوئواري ۽ عمل درآمد جي سلسلي ۾ ٺاهن جي جائزي وارن ادارن سان لاڳيتو سهڪار | پنيرائي ڪيل | • ٺاهه جا ادارا |
| انساني حقن واري ڪائونسل جي خاص وهنوارن لاءِ غير مشروط نيندڙ ڏني وڃي ۽ شڪائتن، جانچ ۽ فوري عمل وارن وهنوارن ۾ ٺاهن وارن ادارن جي اهليت تسليم ڪئي وڃي | نوٽ ڪيل | • خاص وهنوار<br>• ٺاهه جا ادارا |
| 152.2 موت جي سزا ختم ڪرڻ ڪي هدف بڻائيندي، شهري ۽ سياسي حقن بابت عالمي عهدنامي جي ٻئي اختياري پروٽوڪول جي توثيق ڪئي وڃي | نوٽ ڪيل | • موت جي سزا<br>• عالمي وهنوار |
| لاڳاپيل عوامي وهنوارن سان نهڪاءُ ۾ ايندي ۽ والدين، قانون لاڳو ڪندڙ عملي ۽ عدالتي عملدارن جي تعليم ۽ جاڳرتا وڌائيندي، هڪ جوڳو عملي منصوبو اختيار ڪندي ٻارن سان ڏاڍائي، ٻارن جي واپار وٽج، جنسي استحصال ۽ غير رضاڪاراڻي تابعداري جي مامرن کي مخاطب ڪيو وڃي | پنيرائي ڪيل | • انسان حقن جي تعليم ۽ تربيت<br>• ٻارن جا حق<br>• غيرقانوني واپار |
| 152.6 شهري ۽ سياسي حقن بابت عالمي عهدنامي جي پهرين اختياري پروٽوڪو، عورتن خلاف هر قسم جي مت ڀيد جي خاتمي بابت عهدنامي جي اختياري پروٽوڪول، تشدد خلاف عهدنامي جي اختياري پروٽوڪول ۽ معذوريءَ وارن فردن جي حقن بابت عهدنامي جي اختياري پروٽوڪول جي توثيق ڪئي وڃي | نوٽ ڪيل | • موت جي سزا<br>• معذوري<br>• عالمي وهنوار<br>• تشدد ۽ ٻيا غير انساني ورتاءُ<br>• ٺاهن جا ادارا<br>• عورتن جا حق |
| 152.7 معاشي، سماجي ۽ ثقافتي حقن بابت عالمي عهدنامي جي اختياري پروٽوڪول ۽ گڏوگڏ شهري ۽ سياسي حقن بابت عالمي عهدنامي جي ٻئي اختياري پروٽوڪول جي توثيق ڪئي وڃي | نوٽ ڪيل | • موت جي سزا<br>• معاشي، سماجي ۽ ثقافتي حق- عمومي<br>• عالمي وهنوار<br>• عورتن جا حق |
| 152.14 سمورن تارڪين پورهيتن ۽ سندن ڪٽنب ڀاتين جي حقن جي تحفظ واري عالمي عهدنامي، سمورن فردن کي زوري ڪنهڻ کان تحفظ واري عالمي عهدنامي ۽ تشدد خلاف عهدنامي جي اختياري پروٽوڪول جي توثيق ڪئي وڃي | نوٽ ڪيل | • زوري ڪنهڻ<br>• عالمي وهنوار<br>• پورهيت<br>• تارڪين<br>• تشدد ۽ ٻيا غير انساني ورتاءُ<br>• ٺاهن جا ادارا |

| | | |
|---|---|---|
| 152.74 پنهنجي ذميوارين ۽ عالمي معيارن سان ٺهڪاءُ ۾ ايندي، سمورين شڪلين جي مت ڀيد سان منهن ڏيڻ لاءِ جوڳي قانونسازي اختيار ڪئي وڃي | نوٽ ڪيل | • ٻيا |
| عالمي برادريءَ طرفان ملڪ جي رڪاوٽن جي مناسب پذيرائي ۽ ادراڪ سان، دهشتگرديءَ خلاف ويڙهه ۾ پنهنجون اهم ڪوششون جاري رکيون وڃن | پذيرائي ڪيل | • عوامي تحفظ |
| پنهنجي قومي قانون جو ان حوالي سان جاري جائزو برقرار رکڻ ته اِهي انجي عالمي انساني حقن واري قانوني ذميوارين سان ٺهڪاءُ ۾ هئڻ جي خاطري ڪئي وڃي | پذيرائي ڪيل | • عمومي |
| عالمي انساني حقن جي ذميوارين ۽ سمورين حڪومتي سطحن تي انهن جي اطلاق جي منظم شموليت جي خاطريءَ واسطي سموري لاڳاپيل قانونسازي ۽ وهنوار جو جائزو | پذيرائي ڪيل | • عالمي وهنوار |

فريڊرڪ نومن فائونڊيشن جي سهڪار سان، انساني حقن جي پاڪستان ڪميشن (HRCP)، پاڪستان طرفان صحيح ڪيل يا توثيق ڪيل انساني حقن جي ٺاهن ۽ انساني حقن جي عالمي پڌرنامي تحت ملڪ جي عالمي قانوني ذميوارين بابت شهرين جي سجاڳيءَ ۾ اضافو آڻڻ واسطي سڄي ملڪ ۾ ڇهن تربيتي ورڪشاپن جو هڪ سلسلو منعقد ڪيو. عالمي قانون تحت، پاڪستان سمورن شهرين ۽ خاص طور تي جوکم جي شڪار گروپن جهڙوڪ عورتن، ٻارن ۽ معذوريءَ جي شڪار فردن جي بنيادي آزادين جي خاطريءَ واسطي پابند آهي. پاڪستان پنهنجي شهرين جي معاشي، سماجي ۽ ثقافتي حقن جي تحفظ ۽ تشدد تي پابندي ۽ انجي روڪٿام لاءِ پڻ پابند آهي. ان هوندي به انهن ذميوارين بابت عوامي سجاڳي محدود آهي. انڪري، ڪميشن جي ڪرايل ورڪشاپن پاڪستان جي رياست ۽ شهرين طرفان پنهنجي عالمي انساني حقن جي ذميوارين جي اهميت کي تسليم ۽ ادراڪ ڪرڻ جي اهميت تي زور ڏنو. هيءُ دستاويز ورڪشاپن جي مواد ۽ انهن دوران سامهون ايندڙ بحث مباحثن ۽ سفارشن جو احاطو ٿو ڪري.